ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمع 03 جولاءِ 2026ع 17 محرم الحرام 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 رپيا شمارو (317)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Friday 3rd July 2026

پيپلز پارٽي پاران 5 جولاءِ تي جمهوريت تي راتاهو هڻڻ خلاف ڪارو ڏينهن ملهائڻ جو اعلان

سڄي سنڌ جي سمورن ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ ڪارو ڏينهن طور ريليون ڪڍيون وينديون

ملڪي مسئلن جو حل جمهوريت جي تسلسل، پارليامينٽ ۽ آئين جي بالادستي ۾ آهي: نثار کهڙو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ پاران 5 جولاءِ تي جمهوريت تي راتاهو هڻڻ خلاف سڄي سنڌ ۾ ڪارو
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سنڌ صوبي ۾ امن امان جي قيام تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو: ضياءَ لنجار

ڪراچي مان چوري ٿيل گاڏيون ٻين صوبن ۾ وڪڻندڙ گينگ جي گرفتاري ساراهه جوڳو عمل آهي

گاڏين جي اسمگلنگ ۽ وڪري ۾ ملوث هر ڪردار کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار بين الصوبائي ڪار لفٽرن جي خطرناڪ "مائي گينگ" خلاف
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت اسپورٽس صحافين جا مسئلا حل ڪرڻ کي ترجيح ڏئي ٿي: محمد بخش مهر

رانديگرن جي محنت ۽ ڪاميابين کي دنيا آڏو آڻڻ جو اصل سهرو اسپورٽس صحافين ڏانهن وڃي ٿو

ورلڊ اسپورٽس جرنلزم ڊي جي موقعي تي اسپورٽس صحافين کي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) رانديون ۽ نوجوانن جي معاملن واري صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر راندين جي صحافت جي عالمي ڏينهن (ورلڊ اسپورٽس جرنلزم ڊي) جي موقعي تي سڄي ملڪ جي اسپورٽس
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

آزاد جمون ڪشمير جي عوام تائين پ پ جو منشور پهچايو وڃي: بلاول ڀٽو

پ پ چيئرمين سان آزاد جمون ڪشمير جي پ پ جي صدر چوڌري ياسين ۽ جنرل سيڪريٽري فيصل ممتاز راٺوڙ ملاقات ڪئي

آزاد جمون ڪشمير جو عوام منهنجي دل جي ويجهو آهي، مان آزاد جمون ڪشمير جي چونڊ مهم جي سلسلي ۾ هر ضلعي ۾ ويندس

ڪشميري عوام جي مسئلن جي حل لاءِ پ پ ساڻن گڏ بيٺي آهي، چونڊ مهم جي سلسلي ۾ عوام سان رابطن جي عمل کي تيز ڪيو وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هدايت ڪئي آهي ته آزاد جمون ڪشمير جي عوام تائين پ پ جو منشور پهچايو وڃي. پ پ ميڊيا سيل مان جاري بيان موجب پ پ جي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم محمد شهباز شريف 3 کان 5 جولاءِ تائين ايران ۽ ترڪيه جو سرڪاري دورو ڪندو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف 3 کان 5 جولاءِ تائين ايران ۽ ترڪيه جو سرڪاري دورو ڪندو. پرڏيهي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

مري ايڪسپريس وي کي مظفر آباد تائين وڌائڻ جو فيصلو

مواصلات واري وفاقي وزير عبدالعليم خان جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو

مري ايڪسپريس وي کي مظفر آباد تائين 70 ڪلوميٽرن تائين وڌايو ويندو

اسلام آباد (اي پي پي) مواصلات واري وفاقي وزير عبدالعليم خان جي صدارت هيٺ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي (اين ايڇ اي) ۾
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ سيڪيورٽي سهڪار وڌائڻ واري معاهدي تي صحيحون

سعودي گهرو وزير عبدالعزيز بن سعود بن نائف ۽ پاڪستاني هم منصب محسن نقوي رياض ۾ يادداشت تي صحيحون ڪيون

پاڪستان جي گهرو وزير پنهنجي دوري دوران رياض ۾ قائم "متحد سيڪيورٽي آپريشنز سينٽر 911" جو پڻ دورو ڪيو

رياض (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ سيڪيورٽي جي شعبي ۾ سهڪار وڌائڻ لاءِ مفاهمت جي يادداشت تي صحيحون ڪيون ويون آهن. سعودي عرب جي گهرو وزير عبدالعزيز بن
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2


لاهور: وفاقي وزير حنيف عباسي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

سنڌ جي گهرو وزير پير جو ڳوٺ ۾ غيرت جي نالي تي عورت جي قتل جو نوٽيس وٺندي رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار پير جو ڳوٺ، ضلعي خيرپور ۾ مبينا طور غيرت جي نالي تي عورت جي قتل واري واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي ايس ايس پي خيرپور کان فوري رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. پنهنجي بيان ۾ گهرو وزير هدايت ڪئي ته
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ايف بي آر ۾ ڪرپٽ عنصرن جي ڪا جاءِ ناهي، ٽئڪس ڏيندڙن کي سهولتون ڏيڻ پهرين ترجيح آهي: وزيراعظم

مالي سال 26 – 2025ع ۾ اٽڪل 600 ارب رپين جي ٽيڪس ريفنڊز جي وقت سر ادائيگي سان ڪاروباري برادري کي سهولت ۽ روانگي واپار جي فروغ ۾ مدد ملي

گذريل ادائي سال کان جاري سڌارن، ڊيجيٽائيزيشن ۽ ٽيم ورڪ جي ڪري ايف بي آر رڪارڊ ٽيڪس گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي، ايف بي آر ۾ سڌارن جي رفتار ۾ تيزي آندي پئي وڃي

جن آفيسرن ملڪ جي ڏورانهن علائقن ۾ پنهنجي جانين جي پرواهه ڪرڻ کانسواءِ ٽيڪس ۽ ڪسٽم ڊيوٽي جي لاڳو ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو، انهن جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن

ايف بي آر جو نئون آپريٽنگ ماڊل هڪ ڊيجيٽل ۽ گهٽ کان گهٽ انساني مداخلت تي ٻڌل فيس ليس ٽيڪس نظام تي ٻڌل هوندو، هدف حاصل ڪرڻ تي ايف بي آر آفيسرن جي ڪارڪردگي بهترين آهي

ڪراچي لارج ٽيڪس پيئر يونٽ جون 2026ع دوران 528 ارب رپين جو روينيو گڏ ڪيو، لاهور لارج ٽيڪس پيئر يونٽ جون 2026ع دوران 261 ارب رپيا گڏ ڪيا: وزيراعظم کي بريفنگ

وزيراعظم محمد شهباز شريف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي اسمگلنگ جي روڪٿام ۽ آفيسرن کي سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ تي خراج تحسين پيش ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف مالي سال 26 – 2025ع جي لاءِ تاريخي روينيو هدف حاصل ڪرڻ کي سنگ ميل قرار ڏيندي چيو آهي ته ٽيڪس نيٽ ۾ توسيع، شفافيت ۽ ٽيڪس ڏيندڙن کي سهولتن جي فراهمي ايف بي آر سڌارن جون اولين ترجيحون آهن. گذريل ادائي سال کان جاري سڌارن، ڊيجيٽائيزيشن ۽ ٽيم ورڪ جي ڪري ايف بي آر رڪارڊ ٽيڪس
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ روزگار جي فراهمي واري منصوبي "آءِ ورڪ فار سنڌ" کي سرڪاري حيثيت ڏيڻ جو فيصلو

سينئر وزير اجلاس ۾ شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٿيل هڪ اهم اجلاس ۾ اهڙو فيصلو ڪيو ويو

اجلاس ۾ منصوبي کي وڌيڪ اثرائتو، مربوط ۽ جديد انداز ۾ هلائڻ لاءِ جامع حڪمت عملي تي اتفاق

اخبارن ۽ ميڊيا هائوسز بابت سمورا جائز معاملا قانون ۽ ضابطن موجب وقت سر اڪلايا وڃن: صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) سنڌ حڪومت روزگار جي فراهمي واري پائلٽ منصوبي "آءِ ورڪ فار سنڌ" کي باضابطا طور تي سرڪاري پروگرام جي حيثيت ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. اهڙو فيصلو سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٿيل هڪ اهم اجلاس ۾ ڪيو ويو جنهن ۾ اطلاعات
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

شهيد بينظير ڀٽو جي ويجهي ساٿي ناهيد عباسي جي رهائشگاهه سيل

سي ڊي اي ناهيد عباسي کي گهر فوري طور خالي ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويجهي ساٿي ۽ اڳوڻي سينيٽر ڊاڪٽر صفدر عباسي جي گهرواري ناهيد عباسي جي رهائشگاهه کي ڪيپيٽل
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: وزير اعظم شهباز شريف سان ايف بي آر جا عملدار ملاقات ڪندي

دوحا ۾ آمريڪا ايران ويهڪ دوران ٽرين پارن ڳالهين جو سلسلو جاري رکڻ تي اتفاق

قطر ۽ پاڪستان جي ثالثي خميس ڏينهن دوحا ۾ آمريڪي ۽ ايراني ڳالهين ڪندڙن سان جدا جدا ملاقاتون مڪمل ڪري ورتيون

ايندڙ ملاقات اڳوڻي ايراني سپريم ليڊر جي جنازي نماز ۽ تدفين کانپوءِ جلد کان جلد منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) قطر ۽ پاڪستان جي ثالثي خميس ڏينهن دوحا ۾ آمريڪي ۽ ايراني ڳالهين ڪندڙن سان جدا جدا ملاقاتون مڪمل ڪري ورتيون، جن ۾ اسلام آباد مفاهمتي ياداشت جي مختلف
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

متحده پاڪستان جو اهم مشاورتي اجلاس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ترجمان موجب چيئرمين
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي صنعتي علائقن ۾ انفراسٽرڪچر جي بحالي ۽ اپ گريڊيشن تي عملدرآمد شروع

ميئر مرتضيٰ وهاب جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ترقياتي پيڪيج تي ٿيل اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو

ڪيترن ئي منصوبن جا ورڪ آرڊر جاري ڪيا ويا آهن، باقي منصوبا خريداري جي آخري مرحلن ۾ آهن: ميئر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي صنعتي انفراسٽرڪچر کي عالمي معيار مطابق جديد بڻائڻ جي سلسلي ۾ هڪ اهم اڳڀرائي طور
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس مقابلا، 2 ڌاڙيل مارجي ويا، هٿيار ۽ ٻيو سامان هٿ

ال آصف اسڪوائر پرسان گشتي پوليس تي هٿياربندن فائرنگ ڪئي، مقابلي ۾ ٻه ڌاڙيل مارجي ويا

مارجي ويل ڌاڙيلن جي سڃاڻپ فرمان الاهي ولد محمد شريف ۽ ڪاشف ولد محمد الطاف طور ڪئي وئي

مارجي ويل وٽان هٿيار ۽ مبينا طور ڦر ڪيل سامان هٿ آيو، سندن ڏوهاري رڪارڊ بابت جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سهراب ڳوٺ جي علائقي ۾ ال آصف اسڪوائر پرسان اسنيپ چيڪنگ ۽ معمول جي گشت دوران هٿياربندن ڌاڙيلن پوليس تي فائرنگ ڪئي، جوابي فائرنگ ۾ ٻه ڌاڙيل مارجي
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪپرو ۾ پرڻيل عورت جي موت واري واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي: حليم عادل شيخ

مقتولا فهمي ٻيل جي وارثن جي مسلسل احتجاج باوجود پوليس جي خاموشي ڳڻتي جوڳي آهي

واقعي ۾ ملوث بااثر ماڻهن خلاف بنا دير ڪيس داخل ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ چيو آهي ته سانگهڙ ضلعي جي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

هارين کان سستي ڪڻڪ خريد ڪري اٽو مهانگو وڪرو ڪرڻ ناانصافي آهي: ڪاشف سعيد شيخ

صوبي ۾ 48 لک ميٽرڪ ٽن پيداوار باوجود ڪڻڪ جي ڪوٽ ڪيئن پيدا ٿي آهي

سنڌ حڪومت ڪڻڪ ذخيرو ڪندڙ ۽ منافعي خورن کي پڪڙ ۾ آڻي سخت ڪارروائي ڪري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ سنڌ ۾ ڪڻڪ جي هٿرادو ڪوٽ ڪري اٽو مهانگو ڪرڻ تي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ صحافين جي تحفظ بابت ڪميٽي پاران صحافين خلاف داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪرڻ جو مطالبو

ڪراچي ۾ سنڌ ڪميشن فار دي پروٽيڪشن آف جرنلسٽس جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اجلاس منعقد ٿيو

اجلاس ۾ اجلاس ۾ سيڪريٽري هيومن رائٽس خالد چاچڙ، اي پي اين ايس اڳواڻ قاضي اسد عابد ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ٺٽي جي صحافين پيرل ملاح ۽ عبدالله چانڊيو تي پوليس تشدد ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جي مذمت

ڪميشن پاران ڪيس جي شفاف جاچ لاءِ گهرو سيڪريٽري کي خط لکڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ڪميشن فار دي پروٽيڪشن آف جرنلسٽس جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اجلاس اڄ سنڌ آرڪائيوز ۾ چيئرمين اعجاز احمد ميمڻ جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو اجلاس ۾
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: سنڌ ڪميشن فار پروٽيڪشن آف جرنلسٽس جي اجلاس جو ڏيک ٻئي طرف ميمبرن جو گروپ فوٽو


راولپنڊي: وفاقي وزير عطا الله تارڙ ۽ آر آءِ يو جي جا صحافي ڪيڪ ڪاٽيندي

پ پ چيئرمين پاران پيپلز ڊاڪٽرز فورم ٿرپارڪر جي صدر ڊاڪٽر دليپ ننداڻي سان تعزيت جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران پيپلز ڊاڪٽرز فورم ٿرپارڪر جي صدر ڊاڪٽر دليپ ننداڻي سان تعزيت جو اظهار
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

آپڪا پرائمري ايجوڪيشن حيدرآباد جي ڪلڪن جي گڏجاڻي، پروموشن جي معاملن تي غور

پرائمري اسڪول ايجوڪيشن ضلعي حيدرآباد جي گڏجاڻي ڊائريڪٽوريٽ ۾ ٿي گذري

سالن کان رڪيل پروموشن جي مرحلي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ گڏيل ڪوششن تي اتفاق

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسي ايشن اسڪول ايجوڪيشن ضلعي حيدرآباد جي گڏجاڻي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پ پ اڳواڻ شرميلا فاروقي پاران سنڌ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر اطلاعات عليم الدين خان جي وفات تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قومي اسيمبلي جي ميمبر شرميلا فاروقي اطلاعات کاتي سنڌ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر عليم الدين خان جي اوچتي
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

خيرپور جي صوبائي تڪ پي ايس 30 تي ضمني چونڊ 16 آگسٽ تي ٿيندي

سيٽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر نعيم احمد کرل جي وفات سبب خالي ٿي هئي

چونڊ اميدوار 8 کان 10 جولاءِ تائين پنهنجا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي سگهندا، شيڊول جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ايس-30 خيرپور پنج جي ضمني چونڊ جو شيڊول جاري. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پي ايس-
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

خيرپور جي صوبائي تڪ پي ايس 30 تي ضمني چونڊ 16 آگسٽ تي ٿيندي

سيٽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر نعيم احمد کرل جي وفات سبب خالي ٿي هئي

چونڊ اميدوار 8 کان 10 جولاءِ تائين پنهنجا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي سگهندا، شيڊول جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ايس-30 خيرپور پنج جي ضمني چونڊ جو شيڊول جاري. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پي ايس-
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

چامشورو ويجهو سپر هاءِ وي پنڌڙ فقيرياڻي مٿان تيز رفتار ٽرالر چڙهي ويو

ڄامشورو (د ر) سپر هاءِ وي ٽول پلازا وٽ روڊ تي پنڌڙ فقيرياڻي مٿان تيز رفتار ٽرالر چڙهي ويو حادثي ۾ گلشن شهباز ڄامشورو جي رهواسي نوجوان
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد سول اسپتال ۾ انٽرنشپ تي ايندڙ شاگردن کان رقم اوڳاڙڻ خلاف سپاف جو احتجاج

فيصلو شاگردن تي اضافي مالي بار سميت تعليمي ۽ پيشاور مستقبل لاءِ نقصانڪار آهي: اڳواڻ

سپاف ۽ شاگرد درست ڏرين ناانصافي خلاف هر جمهوري ۽ قانوني محاذ تي احتجاج ڪندين: عبدالغفار ڪاتيار

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سپاف سول اسپتال يونٽ جي اڳواڻن عبدالغفار ڪاتيار ۽ ٻين سول اسپتال حيدرآباد انتظاميا طرفان انٽرنشپ تي ايندڙ شاگردن کان 10 هزار رپين جو چالان وصول ڪرڻ واري فيصلي خلاف
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ نشي جي عادي اڻڄاتل پيرسن جو لاش هٿ آيو، ايڌي سينٽر حوالي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي مارڪيٽ ٿاڻي جي ريشم گلي واري علائقي مان 55 ورهين جي اڻڄاتل پيرسن نشي جي عادي همراهه جو لاش ڏسي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سکر سيپڪو پاران بجلي چوري خلاف ڪريڪ ڊائون، 150 کان وڌيڪ ڪنڊا ڪاٽا

عملي پوليس ۽ رينجرز سان گڏجي ايوب گيٽ، ايڪسائيز روڊ ۽ ٻين هنڌن تي ڇاپا هنيا

جيڪو به شخص بجلي چوري ۾ ملوث ملي ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي: ايس اي ار

سکر (بيورو رپورٽ) سکر اليڪٽرڪ پاور سپلاءِ ڪمپني (سيپڪو) پاران بجلي چوري خلاف پريور ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو ويو آهي. گذريل ڏينهن سيپڪو چيف اعجاز احمد چنا جي خاص هدايتن تي سيپڪو
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين ۽ گورنر ڪي پي ڪي ايران روانگي لاءِ تيار آهن

پريا ڪماري اغوا ڪيس انتهائي حساس آهي، ٺوس ڳالهه جي آءِ تي جوڙڻ گهرجي: منارٽي ڪاڪس

ڪراچي ۾ اقليتي معاملن بابت سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس سينيٽر دنيش ڪمار جي

سنڌ ۾ امن امان، اغوا ٿيل هندو شهرين جي بازيابي، سميت مندرن ۽ گردوارن تي قبضن بابت بريفنگ

پريا اغوا معاملي تي سڀ پارلياميٽرين شرمسار آهيون، ٺوس جي آءِ ٽي ۾ حساس ۽ انٽيليجنس ادارا شامل ڪيا وڃن:



ڪراچي (بيورو رپورٽ) غير مسلم برادرين جي آئيني حقن جي تحفظ لاءِ قائم سينيٽ جي اسٽينڊنگ
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ ٻن عورتن سميت ٽي منشيات فروش گرفتار، 12 ڪلو چرس هٿ

پوليس ڪوڙيٽا کان آيل مسافر ڪوچ مان عقيلا لاڙيم ۽ محمد حيات کي سرگهو ڪيو

سندن قبضي مان مجموعي طور 12 ڪلو چرس هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس منشيات فروشن جو نيٽ ورڪ ٽوڙيندي 2 عورتن سميت ٽن منشيات فروشن کي ڳڪ 12 ڪلو گرام چرس سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي ان
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

چونڊڪو ۾ برسات متاثرن جو قسطن جي ادائيگي ۾ ڪٽوتي خلاف احتجاج

متاثرن گل حسن پنهور، محمد خان شر، علي حسن شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

برسات متاثرن کي بنا ڪنهن رنڊڪ جي امدادي قسطون فراهم ڪيون وڃن: متاثر

چونڊڪو (ن ع) تعلقي ٺاري جي چونڊڪو شهر ۾ سنڌ بئنڪ برانچ ٻاهران گل حسن پنهور، محمد خان شر، علي حسن شيخ، رضوان ملاح، جاويد شنباڻي ۽ ٻين ڪيترن ئي برسات متاثرن احتجاج ڪندي چيو
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب جي دفاع واري وزير سان مالديپ جي هم منصب جي ملاقات، ٻنهي ملڪن وچ ۾ تعاون کي مضبوط بڻائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي دفاع واري وزير شهزادو خالد بن سلمان ساڻ سندس مالديپ جي هم منصب حسن رشيد جده ۾ ملاقات ڪئي جنهن ۾ ٻنهي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اختلافِ راءِ کي باهمي احترام، دليل ۽ ڳالهين جي دائري ۾ رهڻ گهرجي: فضل الرحمان

ڪامياب تحريڪون اصولن، حڪمت عملي ۽ واضع پاليسي جي بنياد تي اڳتي وڌنديون آهن

اسلام امن، رواداري ۽ باهمي هم آهنگي جو دين آهي، ويڙهه ۽ جهيڙو اسلامي مزاج جو حصو ناهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام پاڪستان جي مرڪزي امير مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته اسلام اجتماعيت، جماعتي نظم ۽ اجتماعي قيادت جي اطاعت جو دين آهي، تنهن
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سيلانڊا ۾ جي يو آءِ پاران صحابہ ڪرامؓ جي شان ۾ گستاخي خلاف احتجاج

ڪارڪنن امير حافظ ثناء الله جوڻيجو، مقصود جاگيراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

مذهبي احساسن کي مجروح ڪندڙ عنصرن خلاف فوري ۽ شفاف ڪارروائي ڪئي وڃي

سيلانڊا (ن ع) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) سيلانڊا پاران اڳواڻي ۾ صحابہ ڪرامؓ جي شان ۾ مبينا گستاخي ڪندڙن جي گرفتاري ۽ سخت قانوني ڪارروائي جي مطالبي لاءِ ڪناره هوٽل کان سيلانڊا ٿاڻي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ آزاد ڪشمير جي عام چونڊن جو بائيڪاٽ ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

آزاد ڪشمير ۾ عام چونڊون 27 جولاءِ تي شيڊول موجب ٿينديون آهن، اسان چونڊن جو حصو نه بڻجنداسين: پي ٽي آءِ

اسيمبلي جي آئيني مدي ۽ قانوني گهرجن جي ڪري 5 جون تي چونڊ شيڊول جاري ڪيو ويو هو: ترجمان اليڪشن ڪميشن

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) آزاد ڪشمير جي عام چونڊن جو بائيڪاٽ ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ته موجود جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته موجود
بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 2

ڪراچي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 3 ڄڻا فوت

ناظم آباد ۾ اڻڄاتل گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار عورت شفق زال ذيشان فوت ٿي

گهگهر ڦاٽڪ ويجهو ڪم دوران ٽئين منزل تان هيٺ ڪرڻ سبب مزدور محمد ڪاشف فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي مختلف علائقن ۾ ڌار ڌار حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 3 ڄڻا فوت هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

مهراڻ يونيورسٽي جي استاد آمريڪا جي يونيورسٽي مان پي ايڇ ڊي فيلوشپ مڪمل ڪري ورتي

ڄامشورو (د ر) مهراڻ يونيورسٽي جي ڪيميڪل انجنيئرنگ شعبي سان لاڳاپيل اسعاد ڊاڪٽر عمران نذير آمريڪا جي يونيورسٽي آف الينوائي اربانا-شيمپين مان
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2


حيدرآباد: حيسڪو چيف سائيٽ ۾ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي


لاڙڪاڻو: روڊ ڪناري هڪ دڪاندار رانديڪا وڪڻي رهيو آهي

لاڙڪاڻي جي رائيس ڪئنال ۾ ٻڏي ويل نوجوان جو لاش هفتو گذرڻ باوجود هٿ نه آيو، گهر ۾ ڪهرام

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي رائيس ڪئنال ۾ نوجوان ٻڏي فوت ٿيڻ وارو معاملو هفتو گذرڻ باوجود نوجوان جو لاش هٿ نه اچي سگهيو وارثن ۾ سخت
بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 2

عوام کي معياري بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن: طارق بلوچ

سيمٽي آفيسر ايمانداري، شفافيت ۽ ذميواريءَ سان پنهنجا فرض ادا ڪن

گڏاپ ۾ وڌيڪ ترقياتي منصوبن تي به تيزي سان ڪم جاري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪاٺون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ ۾ ترقياتي منصوبن، بلدياتي خدمتن ۽ عوامي مسئلن بابت اهم
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ واٽر ٽينڪر جي ٽڪر ۾ نوجوان زخمي، ڊرائيور فرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪريم آباد پل تي تيز رفتار واٽر ٽينڪر موٽر سائيڪل سوار کي ٽڪر هڻي زخمي ڪري ڇڏيو ڊرائيور فرار ڪراچي جي علائقي ڪريم آباد پل
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

خيرپور ويجهو سنيو واهه کي گهارو، ڪيترائي علائقا پاڻي هيٺ

ڳوٺ رانجهو خان ڳنبول پرسان پيل گهاري جي اطلاع باوجود عملدار نه پهتا

مختلف ڳوٺن جي ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ تحت واهه کي لڳل گهارو بند ڪيو

خيرپور (د ر) خيرپور: سنيو واهه کي گهارو، ڪيترائي علائقا پاڻي هيٺ، ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت بند ٻڌي وڌيڪ نقصان روڪي ڇڏيو خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ رانجهو خان
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

راڻي پور ۾ اي سي پاران واڌو اگهه وٺندڙن خلاف ڪارروايون، ڏنڊ وصول ڪيو ويو

راڻي پور (ن ع) راڻي پور ۾ ڪاڌي پيتي، سبزين ۽ فروٽن جي اگهن ۾ ناجائز وڌيڪ اگهه ۽ من ماڻي اگهن ۽ ڪيميڪل واري ڪير خلاف اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو ايٽ راڻيپور کي شهرين، سياسي سماجي
بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ ناميارو قانوندان قاضي افضل عابد جي ٻين ورسي، ڀيٽا پيش

قاضي افضل عابد غريب مسڪين ماڻهن جي قانوني حوالي سان تمام وڏي خدمت ڪئي: اڳواڻ

خدمتن کي ڪڏهن به وساري نٿا سگهون اهڙا ماڻهو تاريخ وسيلي هميشه امر رهندا آهن: خطاب



حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ناميارو قانوندان قاضي افضل عابد جي اڄ 2هين ورسي ملهائي پئي وڃي قاضي افضل عابد ناميارو قانوندان هو سندس ڪيل خدمتون تاريخ ۾ هميشه سونهري لفظن سان ياد رکيون وينديون مرحوم قاضي افضل عابد جي اڄ 3جولاءِ تي سندس 2هين ورسي ملهائي پئي وڃي قاضي افضل عابد جي ٻئين ورسي جي موقعي تي ناميارو ايڊووڪيٽ فضل قادر ميمڻ چيو ته مرحوم ناميارو قانوندان قاضي افضل عابد صاحب وڪالت وسيلي غريب مسڪين ماڻهن جي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

محرابپور جي صحافي قاضي امتياز عالم جو پٽ لاڏاڻو ڪري ويو

محرابپور (ت ر) روزاني تعمير سنڌ جي ايڊيٽر قاضي امتياز عالم جو پٽ پيپلزپارٽي محرابپور جي نائب صدر قاضي
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ يونيورسٽي جي فنانس ڪميٽي پاران 9.45 ارب رپين جي سرپلس بجيٽ منظور

وي سي ڊاڪٽر فتح محمد مري جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ بجيٽ جي منظوري ڏني وئي

مجموعي خرچن جو ڪاٿو 9.394 ارب رپيا لڳايو ويو، بجيٽ سينڊيڪيٽ ۾ منظوريءَ لاءِ پيش ڪئي ويندي

ڄامشورو (د ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي جو هڪ اهم اجلاس وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو جنهن ۾ مالي سال 2026-27ع لاءِ
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

باقر قاليباف جو اياز صادق کي خط، سپريم ليڊر جي تعزيتي تقريب ۾ شرڪت جي دعوت

ٻنهي ملڪن وچ ۾ عزت، وقار ۽ گڏيل سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي خواهش ظاهر

شهيد سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اي جي تعزيتي تقريب 3 جولاءِ 2026ع تي تهران ۾ ٿيندي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران جي مجلس شوراءِ اسلامي جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف، پاڪستان جي قومي اسيمبلي
بقايا نمبر 54 ڏسو صفحو 2

سکر مان ٽينڪر ڪاوڙجي گهران نڪري ويل ماءُ پاران اعلي عملدارن کان ڳولا ۾ مدد جي اپيل

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي نيو پنڊ اسلام ڪالوني جي رهواسي هڪ ماءُ پنهنجي 14 ورهين جي گم ٿيل پٽ جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب پهچي جتي
بقايا نمبر 52 ڏسو صفحو 2

سنڌ اطلاعات کاتي جو آفيسر عليم الدين خان روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو

ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن (ايڊمن) گهرڀاتين سان گڏ سوات ويجهو ٽريفڪ حادثي جو شڪار ٿيو

ڪيس اسلام آباد جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو جتي هن دم ڏني حوالي ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن سنڌ (ايڊمن) نوجوان آفيسر عليم الدين خان روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيڻ بعد اسلام آباد جي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو آهي. جيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ مرحوم پنهنجي گهرڀاتين سان گڏ اترين علائقن سوات جي سير دوران رستي ۾ هڪ انتهائي خطرناڪ ٽريفڪ حادثي جو شڪار ٿيا هئا.



هيٺ ڪرڻ سبب مرحوم جو 8 کان 9 ڪلاڪن تي مشتمل ڏکيو آپريشن به ڪاميابيءَ سان مڪمل ٿيو پر آخرڪار الله حادثي ڪان پوءِ هو ۽ سندس گهرواري علاج
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

سيوهڻ ۾ پيرسن پوڙهيت تي نافرمان پٽ ۽ پاءُ جو مبينا تشدد، گهر مان بيدخل

پوڙهيت پيرسن علي نواز اوڏو تي پٽ فهيم، سالي محمود اوڏو ۽ پاءُ غلام رسول مبينا تشدد ڪيو

هوڙل تي بيوا گيري ڪندڙ پوڙهيت گهر نيڪالي ملڻ سبب دربدر، انصاف ۽ تحفظ جي گهر

سيوهڻ (ن ع) سيوهڻ جي صدر پاڙي جو رهواسي پوڙهيت پيرسن علي نواز اوڏو پنهنجي نافرمان پٽ، سالي ۽ پاءُ پاران مٿس مبينا تشدد ڪري گهران ڪڍي ڇڏڻ خلاف ڪالهه نيشنل پريس ڪلب پهچي
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ايران جوهري هٿيار نه رکڻ تي راضي آهي: صدر ٽرمپ

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ قطر ۾ ٿيندڙ اجلاس اهم ۽ ثابت ٿي سگهي ٿو ۽ شايد نه

ڪچي تيل جو هاڻوڪو اگهه ايران سان تڪرار کان اڳ واري سطح کان به گهٽ آهي

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اوول آفيس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته آمريڪا ۽ ايران وچ
بقايا نمبر 55 ڏسو صفحو 2

ابراهيم حيدري ٽائون جي مالي سال 2026-27 جي بجيٽ پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ابراهيم حيدري ٽائون جي چيئرمين نظير احمد ڀٽو مالي سال 2026-27 جو بجيٽ پيش ڪري ڇڏيو جنهن جو ڪل ڪاٿو 4 ارب 23 ڪروڙ 74 لک 86 هزار 926 رپيا رکيو ويو
بقايا نمبر 53 ڏسو صفحو 2

پارٽ سنڌ طاس معاهدي بابت هڪ طرفي فيصلو نٿو ڪري سگهي: حنا رباني کر

يورپي ملڪن سميت ٻين ملڪن کي ان مسئلي جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

آرٽيڪل 12 ۾ واضع آهي ته ڪو به ملڪ گڏيل ڌوئيون سان سنڌ طاس معاهدي ۾ ردوبدل ڪري سگهجي ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) اڳوڻي پرڏيهي وزير ۽ ايم اين اي حنا رباني کر چيو آهي ته ڀارت سنڌ طاس معاهدي جي باري ۾ ڪو
بقايا نمبر 56 ڏسو صفحو 2

ميئر ڪراچي پاران شهر جي مختلف نالن جو دورو

نالن جي صفائي جو ڪم مڪمل شفافيت ۽ مؤثر انداز سان ٿيڻ گهرجي: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي
بقايا نمبر 57 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين پورچوگال جي سفير کي تحفو ڏئي رهيو آهي

ميهڙ: سٽي ڪائونسلر عبدالستار چنه جي پاءُ جي لاڏاڻي تي جنازي نماز ادا، شهري جي شرڪت

ميهڙ (ن ع) شهري اتحاد ميهڙ جي صدر سٽي ڪائونسلر عبدالستار چنه جي پياري وڏي پاءُ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ جي نوجوان صحافي مير سهيل اقبال احمد چنه جي چاچي جي لاڏاڻي تي سندس جنازي جي نماز پريس ڪلب جي گرائونڊ تي ادا ڪئي وئي جنازي جي نمازحسيني جماعت جي اڳواڻ حافظ گداحسين حسيني پڙهائي جڏهن ته جنازي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ٽائو بولا خان ۾ ڏاڏا پاربرهم جو ميلو وڏي جوش جذبي سان ملهايو ويو، سٽسنگ

آلواڻي پريوار پاران ملهايل ميلي ۾ سوين ماڻهن جي شرڪت، ڀڳتن ڀڄن ڳائي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

پاڪستان ۾ اسان پنهنجا مذهبي تهوار ۽ ميلا آزاديءَ سان ملهائي سگهون ٿا، ڀڳت بسو مل

ٿاڻو بولاخان (ن ع) هر سال جيان هن سال به ڏاڏا پاربرهم آستانا ٿاڻو بولاخان ۾ آلواڻي پريوار پاران ڏاڏا پاربرهم جو ميلو وڏي جوش جذبي ۽ عقيدي سان ملهايو ويو ميلي ۾ ڀڳت بسو مل پوجو مل سامناڻي، هريش
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪير به پاڪستان جو پاڻي نٿو روڪي سگهي: ڊاڪٽر مصدق ملڪ

اسلام آباد (اي پي پي) موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي بابت وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ سرحد پار آبي وسيلن
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اختلافِ راءِ کي باهمي احترام، دليل ۽ ڳالهين جي دائري ۾ رهڻ گهرجي: فضل الرحمان

ڪامياب تحريڪون اصولن، حڪمت عملي ۽ واضع پاليسي جي بنياد تي اڳتي وڌنديون آهن

اسلام امن، رواداري ۽ باهمي هم آهنگي جو دين آهي، ويڙهه ۽ جهيڙو اسلامي مزاج جو حصو ناهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام پاڪستان جي مرڪزي امير مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته اسلام
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 3 ڄڻا فوت

ناظم آباد ۾ اڻڄاتل گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار عورت شفق زال ذيشان فوت ٿي

گهگهر ڦاٽڪ ويجهو ڪم دوران ٽئين منزل تان هيٺ ڪرڻ سبب مزدور محمد ڪاشف فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي مختلف علائقن ۾ ڌار ڌار حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 3 ڄڻا فوت هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2


حيدرآباد: ماڻهو گرمي کان بچڻ لاءِ سنڌو ڪناري تفريح ڪري رهيا آهن

بقايا 1 "روزاني عبرت"

گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي مالي سال 26 – 2025ع ۾ اٽڪل 600 ارب رپين جي ٽيڪس ريفنڊز جي وقت سر ادائيگي سان ڪاروباري برادري کي سهولت ۽ روانگي واپار جي فروغ ۾ مدد ملي، ريونيو گڏ ڪرڻ سان گڏوگڏ ٽيڪس ڏيندڙن ڪاروباري ۽ صنعتي برادري کي سهولتن جي فراهمي ترجيح هجڻ گهرجي، ايف بي آر ۾ ڪرپٽ عنصرن جي ڪا جڳهه نه آهي خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب هن اهڙن خيالن جو اظهار فيڊرل بورڊ آف ريونيو جي سينيئر آفيسرن سان ڳالهائيندي ڪيو جن وزيراعظم سان ملاقات ڪئي وزيراعظم گذريل مالي سال ۾ 12.957 ڪرب رپين جي اوڳاڙين جو هدف عبور ڪرڻ تي ايف بي آر جي آفيسرن جي واکاڻ ڪئي وزيراعظم چيو ته مالي سال 26 – 2025ع جي لاءِ تاريخي ريونيو هدف حاصل ڪرڻ هڪ سنگ ميل آهي، سڀني کي جدا جدا ۽ ايف بي آر جي سموري عملي کي گڏيل طور تي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو مالي سال 26 – 2025ع ۾ اٽڪل 600 ارب رپين جي ٽيڪس ريفنڊز جي وقت سر ادائيگي سان ڪاروباري برادري کي سهولت ۽ روانگي واپار جي فروغ ۾ مدد ملي وزيراعظم چيو ته ايف بي آر جي فيلڊ فارميشنز ۽ آفيسر انهي جذبي سان ڪم ڪندي هلندڙ مالي سال 15 ڪرب رپين کان وڌيڪ اوڳاڙين جو هدف حاصل ڪندا. نمايان ڪارڪردگي تي وزيراعظم نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ناڻي ۽ اوڳاڙين واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، ناڻي ۽ ريلوي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، اڪارني جنرل منصور اعوان ايف بي آر چيئرمين راشد لنگڙيال ناڻي واري سيڪريٽري امداد الله بوسال معاشي ٽيم جي ٻين ميمبرن ۽ ايف بي آر آفيسرن جي ڪارڪردگي کي ساراهيو. وزيراعظم محمد شهباز شريف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي اسمگلنگ جي روڪٿام ۽ آفيسرن کي سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ تي خراج تحسين پيش ڪيو وزيراعظم چيو ته جن آفيسرن ملڪ جي ڏورانهن علائقن ۾ پنهنجي جانين جي پرواهه ڪرڻ ڪانسواءِ ٽيڪس ۽ ڪسٽم ڊيوٽي جي لاڳو ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو انهن جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. ايف بي آر ۾ گذريل اڍائي سالن کان جاري سڌارن ڊيجيٽائيزيشن تي ڌيان ڏيڻ ۽ ٽيم ورڪ جي ڪري ايف بي آر رڪارڊ ٽيڪس گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وزيراعظم چيو ته ايف بي آر جي معاملن تي مهيني ۾ ٻه ٽي ڀيرا جائزه اجلاسن جي صدارت مون پاڻ ڪئي چو ته ايف بي آر ۾ سڌارا حڪومت جي اولين ايجنڊا آهي. اسان ايف بي آر جي فيلڊ فارميشنز ۾ سٺي شهرت رکندڙ آفيسرن جي مقرري يقيني بڻائي وزيراعظم چيو ته ايف بي آر ۾ ڪرپٽ عنصرن جي ڪا جڳهه نه آهي ريونيو گڏ ڪرڻ سان گڏوگڏ ٽيڪس ڏيندڙن ڪاروباري ۽ صنعتي برادري کي سهولتن جي فراهمي ترجيح هجڻ گهرجي ايف بي آر ۾ جاري سڌارن جي رفتار ۾ وڌيڪ تيزي آندي پئي وڃي. وزيراعظم چيو ته ٽيڪس نيٽ ۾ توسيع شفافيت ۽ ٽيڪس ڏيندڙن کي سهولتن جي فراهمي ايف بي آر سڌارن جي اولين ترجيح آهي ايف بي آر جو نئون آپريٽنگ ماڊل هڪ ڊيجيٽل ۽ گهٽ کان گهٽ انساني مداخلت تي ٻڌل فيس ليس ٽيڪس نظام تي ٻڌل هوندو. وزيراعظم پاڪستان ڪسٽمز سروس ۽ ان لينڊ ريونيو سروس جي آفيسرن جي ترقي ۽ سروس کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي لاءِ اعليٰ سطحي ڪميٽي جوڙڻ جي هدايت ڪئي آفيسرن جي وفد ايف بي آر تي خصوصي ڌيان ڏيڻ ۽ ڪارڪردگي کي ساراهڻ تي وزيراعظم جا ٿورا ادا ڪيا. وفد جي شرڪت ڪندڙن وزيراعظم کي ملڪ جي مختلف علائقن جي فيلڊ فارميشنز جي ڪارڪردگي کان آگاهه ڪيو وزيراعظم کي ٻڌايو ويو ته ڪراچي لارج ٽيڪس پيئر يونٽ جون 2026ع دوران 528 ارب رپين جو ريونيو گڏ ڪيو لاهور لارج ٽيڪس پيئر يونٽ جون 2026ع دوران 261 ارب رپيا گڏ ڪيا. گذريل هڪ سال دوران ايئرپورٽ تي ڪسٽم ڊيوٽي جي ڪاٽي ۾ 21 سيڪڙو اضافو ٿيو ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ناڻي ۽ اوڳاڙين وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب، ناڻي ۽ ريلوي وارو مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني اڪارني جنرل منصور اعوان ايف بي آر چيئرمين راشد محمود لنگڙيال ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا 2 "روزاني عبرت"

واري سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ

پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز مان مقصود يوسفي سيڪريٽري انفارميشن جي نمائندگي ڪندڙ ڊائريڪٽر انفارميشن محمد عمران الزئون ۽ ڪميشن جو سيڪريٽري سعيد ميمڻ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي صدر لعل الرحمان ٿٽي جا صحافي محمد پيرل ملاح شبير پٽي ۽ اجي ڪمار خاص طور تي شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ٿٽي جي صحافي محمد پيرال ملاح اجلاس کي پنهنجي ڪيس جي تفصيلن کان آگاهه ڪيو ۽ ٿٽي پوليس خلاف هڪ تحريري شڪايت درج ڪرائي هن ٿٽي پوليس تي الزام لڳايو ته هن ڪيس حراست ۾ رکيو تشدد ڪيو ۽ سندس خلاف منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو جڏهن ته حقيقت ۾ هن پنهنجي ساٿي صحافي عبدالله چانڊيو تي پوليس جي تشدد خلاف هڪ احتجاجي ريلي ۾ صرف تقرير ڪئي هئي جنهن لاءِ پوليس مٿس سخت تنقيد ڪئي هئي ٻين صحافين شبير پٽي ۽ اجي ڪمار پڻ ٿٽي پوليس خلاف تحريري شڪايتون داخل ڪيون ۽ پوليس تي منشيات جي اسمگلنگ جو الزام لڳايو چيو ته پوليس منشيات جي خلاف رپورٽنگ جي نتيجي ۾ اسان کي تنگ ڪري رهي آهي ان موقعي تي حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي صدر لالا رحمان پڻ ڪميشن کي آگاهي ڏني ۽ پيرل ملاح جي ڪيس جي شفاف جاچ جي درخواست ڪئي ڪميشن ٿٽي پوليس پاران صحافين تي تشدد ۽ هراسان ڪرڻ جي مبينا واقعن جي سخت مذمت ڪئي ۽ معاملي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو. ڪميشن گهرو سيڪريٽري کي خط لکڻ جو فيصلو ڪيو جنهن ۾ ضلعي سيشن جج پاران انهن معاملن جي جاچ جي سفارش ڪئي وڃي ته جيئن پوليس خلاف انهن شڪايتن جو معاملو واضح طور تي حل ٿي سگهي

بقايا 5 "روزاني عبرت"

تعلقي ڪيري ۾ شادي شده عورت هيمي ڀيل جي موت واري واقعي جي شفاف، غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي ۽ ذميوارن خلاف فوري طور ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي. هن پنهنجي بيان ۾ چيو ته متاثر خاندان جي مسلسل احتجاج باوجود پوليس جي خاموشي ڳڻتي جوڳي آهي جيڪڏهن جاچ مان ثابت ٿئي ته هيمي ڀيل کي خودڪشي تي مجبور ڪيو ويو ته ان ۾ ملوث بااثر ماڻهن خلاف بنا دير ڪيس داخل ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. حليم عادل شيخ چيو ته قاتلن کي تحفظ ڏيڻ ۽ متاثر خاندان تي دٻاءُ وجهڻ ڪنهن به صورت قبول ناهي. هن الزام هنيو ته سنڌ پوليس متاثر خاندانن کي انصاف فراهم ڪرڻ بدران سندن ڏرڻو ختم ڪرائڻ ۾ مصروف آهي پي پي ۽ سنڌ جي صدر وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي جي 18 سالن جي حڪومت دوران سنڌ جا غريب ۽ مظلوم شهري انصاف کان محروم رهيا آهن هن مطالبو ڪيو ته هيمي ڀيل جي وارثن کي فوري انصاف ڏنو وڃي ۽ واقعي جي مڪمل غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي حليم عادل شيخ خبردار ڪيو ته جيڪڏهن متاثر خاندان کي انصاف نه مليو ته پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ سندن هر آئيني ۽ جمهوري جدوجهد ۾ ساڻن گڏ بيهندي

بقايا 6 "روزاني عبرت"

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پاڪ-پارٽ لاڳاپن جي بحاليءَ لاءِ اهم شخصيتن جو گڏيل خط!
صفحو 4

محمود شام
وچولو طبقو اسان جي تقدير بدلائي سگهي ٿو
صفحو 4

اعجاز ممنائي
ڌارين جي نيڪاليءَ واري اعلان کي عملي جامو پهرايو!
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن 03 جولاءِ
صفحو 4

نصيرآباد ۾ پيئڻ جي پاڻي جي بحران، زراعت جي تباهي ۽ بدامني خلاف احتجاجي ريلي

شهري اتحاد نصيرآباد پاران ٽوناري محلي کان آرٽر شاخ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، نعريبازي

جولاءِ جو مهينو شروع ٿي چڪو آهي، پر نصيرآباد جون ڪيٽريون ۽ زرعي شاخون اڃا تائين پڇڙي تائين سگهي پيون آهن: اڳواڻ

هر سال وانگر هن پيري به هڙتال پاڻي جي ڪوٽ پيدا ڪري ننڍن آبادگارن جو معاشي استحصال ڪيو پيو وڃي، نوٽيس ورتو



نصيرآباد پيئڻ جي پاڻي جي بحران، زراعت جي تباهي ۽ بدامني خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

نصيرآباد(ن ع) شهري اتحاد نصيرآباد پاران زرعي پاڻي جي ڪوٽ، پيئڻ جي پاڻي جي بحران ۽ شهر اندر وڌندڙ بدامني خلاف ٽوناري محلي کان آرٽر شاخ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي ڪامريڊ سينگار ٽوناري، زاهد تنيو، ضمير مغيري ۽ ڪامريڊ يوسف پتوجو ڪئي احتجاج ۾ شهرين ۽ آبادگارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته جولاءِ جو مهينو شروع ٿي چڪو آهي، پر نصيرآباد جون ڪيٽريون ۽ زرعي شاخون اڃا تائين پڇڙي تائين سڪي پيون آهن جنهن سبب هزارين ايڪڙ زرعي زمين متاثر ٿي رهي آهي هنن الزام هنيو ته هر سال وانگر هن پيري به هڙتال پاڻي جي ڪوٽ پيدا ڪري ننڍن آبادگارن جو معاشي استحصال ڪيو پيو وڃي، جنهن سان فصل تباهه ٿيڻ جو خدشو وڌي ويو آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته شهر ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿي چڪي آهي، جتي ڦرون، ڌاڙا ۽ چورين روز جو معمول بڻجي ويون آهن جڏهن ته زرعي پاڻي نه هجڻ سبب جر سڪي ويا آهن جنهن ڪري پيئڻ جي پاڻي جو پڻ سخت بحران پيدا ٿي ويو آهي

مسوپرڳڙي لڳ ٻيلن تي قبضن ۽ وڻن جي غيرقانوني واڍي خلاف مياڻي ٻيلي ۾ ڪنوينشن

ٻيلن لاءِ 55 لک ايڪڙ زمين مان صرف 2 لک ايڪڙ زمين بچي آهي، عوامي جاڳرتا مهم هلائڻ جي ضرورت آهي: اڳواڻ

ٻيلا صرف تقريرن سان نه پر عملي جدوجهد سان بچندا، عوام کي روڊن تي نڪري پنهنجو آواز بلند ڪرڻو پوندو

ساموندي پٽيءَ ۾ تمر جا ٻيلا ختم ٿيڻ سبب لکين ايڪڙ زمين سمنڊ ڳڙڪائي وڃي آهي ۽ مقامي ماڻهو لڏپلاڻ تي مجبور ٿي ويا آهن


مسوپرڳڙي ٻيلن تي قبضن ۽ وڻن جي غيرقانوني واڍي خلاف مياڻي ٻيلي ۾ ڪنوينشن ٿي رهيو آهي

مسوپرڳڙي (ن ع) مسوپرڳڙي لڳ ٻيلا بچايو ڪميٽي پاران ٻيلن تي قبضن ۽ وڻن جي غيرقانوني واڍي خلاف مياڻي ٻيلي ۾ ڪنوينشن ڪوٺايو ويو ڪنوينشن ۾ سياسي سماجي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽيءَ نمائندن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ٻيلا بچايو ڪميٽي جي صدر زين دائود پوٽو چيو ته ٻيلن کي بچائڻ لاءِ وڏي پيماني تي عوامي جاڳرتا مهم هلائڻ جي ضرورت آهي 55 لک ايڪڙ زمين مان صرف 2 لک ايڪڙ زمين بچي آهي هن چيو ته ٻيلا بچايو ڪميٽي مسلسل ان مقصد لاءِ ڪم ڪري رهي آهي ۽ مختلف علائقن ۾ ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪيو پيو وڃي سنڌس چوڻ هو ته جيستائين ماڻهو هن جو حصو نه بڻجندا تيستائين ٻيلن جي تحفظ جا مقصد حاصل نٿا ڪري سگهجن هن چيو ته ماحولياتي تحفظ جي مهم ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جي ضرورت آهي ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي اڳواڻ امداد قاضي چيو ته ٻيلا صرف تقريرن سان نه پر عملي جدوجهد سان بچندا هن چيو ته عوام کي روڊن تي نڪري پنهنجو آواز بلند ڪرڻو پوندو هن خاص طور تمر جي ٻيلن جي تباهي جو ذڪر ڪندي چيو ته ساموندي پٽيءَ ۾ تمر جا ٻيلا ختم ٿيڻ سبب لکين ايڪڙ زمين سمنڊ ڳڙڪائي وئي آهي ۽ مقامي ماڻهو لڏپلاڻ تي مجبور ٿي ويا آهن هن چيو ته تمر جا ٻيلا سامونڊي طوفانن ۽ چاڙهه کان قدرتي بچاءُ فراهم ڪندا آهن تنهنڪري انهن جي بحالي انتهائي ضروري آهي هن عوام کي اپيل ڪئي ته هو ٻيلن جي اهميت کي سمجهن ۽ انهن جي تحفظ لاءِ گڏيل جدوجهد ڪن سنڌين نيشنل ڪانگريس جي چيف آرگنائيزر ايڊووڪيٽ محب آزاد چيو ته سنڌ ۾ ٻيلن تي قبضا ڪندڙن ۾ سياسي اثر رکندڙ ماڻهو شامل آهن جيڪي نه صرف زمينن تي قبضو ڪن ٿا پر وڏي پيماني تي وڻن جي واڍي پڻ ڪرائن ٿا هن چيو ته اها غيرقانوني واڍي مسلسل جاري هن وڌيڪ چيو ته ٻيلا بچايو ڪاميٽي جو بنيادي مقصد سنڌ کي سرسبز بڻائڻ ۽ ايندڙ نسلن کي محفوظ ۽ صاف ماحول سرسبز سنڌ ڏيڻي آهي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي اڳواڻ رمضان ٻرڙو چيو ته ٻيلا بچايو ڪاميٽي کي درياهه بچايو تحريڪ جيان منظم ۽ سگهاري عوامي تحريڪ بڻائڻ جي ضرورت آهي هن چيو ته سنڌ ۾ جيڪي ٻيلا بچيل آهن انهن تي سالن کان قبضا ٿيل آهن ۽ هي صرف انتظامي نه پر سياسي مسئلو پڻ آهي سنڌس چوڻ هو ته بااثر قوتون ۽ سياسي عناصر ٻيلن تي قبضن ۾ ملوث آهن تنهنڪري هن مسئلي کي سياسي انداز ۾ حل ڪرڻو پوندو هن وڌيڪ چيو ته جيستائين تائين عوامي دٻاءُ ۽ سياسي جدوجهد منظم نه ٿيندي، تيستائين ٻيلن کي بچائڻ ڏکيو هوندو پورهيت مزاحمت تحريڪ جي اڳواڻ نثار لغاري چيو ته انسان جي زندگي ثقافت ۽ معيشت جو ڳانڍاپو ٻيلن سان آهي هن چيو ته جيڪڏهن ٻيلا ختم ٿي ويا ته ڌرتي تپي تامو بڻجي ويندي ۽ زندگي مشڪل ٿي پوندي هن خبردار ڪيو ته موسمي تبديلي سبب گرمي جي شدت اڳ ئي وڌي رهي آهي ۽ جيڪڏهن ٻيلا نه بچايا ويا ته سنڌ کي وڌيڪ سخت حالتن کي منهن ڏيڻو پوندو هن چيو ته اسان کي وڏڪاري کي پنهنجي ذميواري سمجهي هر ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ هڪ وڻ ضرور پوکي ۽ ان جي حفاظت ڪرڻي آهي سماجي اڳواڻ لال سنگهه سوڍي چيو ته ٻيلن جو تحفظ ماحول جي تحفظ جي ضمانت آهي هن چيو ته ماحولياتي آلودگي تيزي سان وڌي رهي آهي ۽ جيڪڏهن ٻيلا ختم ٿي ويا ته انسان لاءِ صاف هوا حاصل ڪرڻ به مشڪل ٿي ويندو هن چيو ته وڻ نه صرف انسان کي آڪسيجن فراهم ڪن ٿا پر جهنگلي جيوت، پکين ۽ ٻين حياتياتي نظامن جي بقا جو ذريعو پڻ آهن ناليواري آرٽسٽ ۽ سماج سڌارڪ اڳواڻ ڊاڪٽر آصف ميمڻ چيو ته ٻيلا انسان جي زندگي لاءِ آڪسيجن جو ذريعو آهن تنهنڪري ٻيلا بچايو پنهنجي زندگي بچايو رڳو نعرو نه پر وقت جي اهم ضرورت آهي دوست علي لغاري چيو ته ٻيلا ماحول کي گرمي گهٽائڻ ۽ برسات جي نظام کي برقرار رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا ٻيلا بچايو ڪميٽي جي اڳواڻ پير ٽوناري چيو ته سنڌ جي لڳ ڀڳ ست ڪروڙ آبادي آهي ۽ جيڪڏهن هر شهري گهٽ ۾ گهٽ هڪ وڻ به پوکي ۽ ان جي حفاظت ڪري ته سنڌ ٻيهر سرسبز بڻجي سگهي ٿي هن گڏجاڻي ناليواري آرٽسٽ افشين ميمڻ، صحافي عبداللطيف ملاح، شهينه لغاري، عبدالمجيد ملاح گوهر پالاري،غلام قادر وسيءِ،ڪامريڊ محمد بخش وگهيو شاهينه لغاري، گلزار لغاري ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سيبس يونيورسٽي ڄامشورو لاءِ هڪ ٻيو اعزاز

گوگل ڪيريئر سرٽيفڪيٽس پروگرام ۾ 100 سيڪڙو هدف حاصل ڪري ورتو

يونيورسٽي کي پهرئين مرحلي ۾ 150 ۽ ٻئي مرحلي ۾ 300 شاگردن جون سيٽون مليون

ڄامشورو (پ ر)شهيد الله بخش سومرو (سيبس) يونيورسٽي آف آرٽ، ڊيزائن اينڊ هيريٽيجز ڄامشورو گوگل ڪيريئر سرٽيفڪيٽس پروگرام جي پهرئين ۽ ٻئي مرحلي ۾ مقرر ڪيل 100 سيڪڙو هدف ڪاميابي سان مڪمل ڪري هڪ ٻيو اهم سنگ ميل عبور ڪري ورتو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ يونيورسٽي کي پروگرام جي ٽئين مرحلي لاءِ وڌيڪ 500 شاگردن جون سيٽون مليون آهن ٽئين مرحلي تحت سيبس يونيورسٽي جا شاگرد عالمي سطح تي تسليم ٿيل گوگل ڪيريئر سرٽيفڪيٽس حاصل ڪندا، جن ۾ مصنوعي ذهانت، سائبر سيڪيورٽي، آئي ٽي آٽوميشن، ڊيٽا اينالائيٽڪس، ڊجيٽل مارڪيٽنگ اينڊ اي ڪامرس ۽ پائٿن/جاوا ڊوليپمينٽ جهڙا جديد ۽ گهڻي طلب وارا شعبا شامل آهن ان کان اڳ يونيورسٽي کي پهرئين مرحلي ۾ 150 ۽ ٻئي مرحلي ۾ 300 شاگردن جون سيٽون مليون هيون، ٻنهي مرحلن ۾ مقرر ڪيل هدف مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ سيبس يونيورسٽي مان مجموعي طور 450 شاگرد مختلف خصوصي شعبن ۾ گوگل ڪيريئر سرٽيفڪيٽس حاصل ڪري چڪا آهن، جنهن سان سندن پيشه ورانه صلاحيتن ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي ۽ تيزي سان ترقي ڪندڙ ڊجيٽل معيشت ۾ روزگار جا موقعا پڻ بهتر ٿيا آهن گوگل ڪيريئر سرٽيفڪيٽس پروگرام سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن سائنس اينڊ انفارميشن ٽيڪنالاجي ڊپارٽمينٽ ۽ ٽيڪ ويلي پاڪستان جي گڏيل سهڪار سان شروع ڪيل هڪ اهم شروعات آهي جنهن جو مقصد شاگردن کي عالمي معيار جون ڊجيٽل مهارتون ۽ ڪيريئر تي ٻڌل تربيت فراهم ڪرڻ آهي، جيئن هو جديد روزگار جي مارڪيٽ جي ضرورتن موجب پاڻ کي تيار ڪري سگهن ٽئين مرحلي جي شروعات جي موقعي تي وڏي وزير هائوس سنڌ ۾ مفاهمتي يادداشتن صحيحن جي آن لائن تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن دوران سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، ٽيڪ ويلي، سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن، سائنس اينڊ انفارميشن ٽيڪنالاجي ڊپارٽمينٽ ۽ سنڌ جي سرڪاري ۽ خانگي يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن جي گڏيل ڪوشش ۽ عزم کي ساراهيندي هن پروگرام جي ڪاميابيءَ کي هڪ اهم اڳڀرائي قرار ڏنو سيبس يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو يونيورسٽي جي آئي ٽي ٽيم، استادن ۽ شاگردن کي هڪ ڀيرو ٻيهر مقرر ڪيل هدف حاصل ڪرڻ ۽ ٽئين مرحلي لاءِ وڌيڪ 500 سيٽون حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي هن سندن محنت ۽ عزم کي ساراهيندي چيو ته اهڙيون شروعاتون شاگردن کي جديد ڊجيٽل مهارتون حاصل ڪرڻ، سندن ڪيريئر جا موقعا وڌائڻ ۽ عالمي ڊجيٽل مارڪيٽ ۾ ڪاميابي سان مقابلو ڪرڻ لاءِ بهترين موقعا فراهم ڪن ٿيون


ڄامشورو وي سي سيبس يونيورسٽي ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو ايم او يو تي صحيح ڪندي

ڪوٽڙي ڪبير ۾ ڳوٺ گل سولنگي واسين جو احتجاج

محبوب سولنگي مزدوري ڪري پيٽ پاليندو آهي: معشوق سولنگي

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) ڳوٺ گل سولنگي واسين معشوق سولنگي، شوڪت سولنگي ۽ ٻين هالاڻي پوليس خلاف احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته محبوب سولنگي مزدوري ڪري پيٽ پاليندو آهي اڄ تائين سندس مٿان ڪڪڙ چوري جي ڪيس به اين سي داخل ٿيل نه آهي،محبوب کي ڏهه ڏينهن اڳ پريس ڪلب ڪوٽڙي محمد ڪبير اڳيان ڪوٽڙي محمد ڪبير پوليس بي گناهه زبردستي گهلي ڪٺي هالاڻي صدر ٿاڻي تي لاڪ اپ ڪري ڇڏيو هنن چيو ته اسان ايس ايڇ او هالاڻي نادر خاصخيلي سان ملي ڪري ڪيس ڪي چيو ته محبوب سولنگي کي ڪهڙي ڏوهه ۾ وٺي آيا آهيو جياٿين ڪوبه ڏوهه ڪون ڪيو ٿاٿين اظهر سولنگي وڏو ڏوهاري آهي محبوب ان جو سالو آهي ان الزام ۾ اسان هن کي وٺي آيا آهيون هنن وڌيڪ چيو ته ايس ايڇ او اسان سان فرمائش ڪئي ته اظهر سولنگي ڪاڻ اسان کي ٻه چوري ٿيل موٽر سائيڪليون موٽرائي ڏيو ته پوءِ محبوب کي آزاد ڪندس ايس ايڇ او ڌمڪي ڏني ته اگر منهنجو ڪم نه ٿيو ته پوءِ محبوب کي جيل موڪلي ڇڏيندس هنن وڌيڪ چيو ته پوليس مخالفن جي ونگارون بڻجي ڏهن ڏينهن کان پوءِ محبوب مٿان آرمڊ ايڪٽ تحت پسٽل ۽ ٻه راؤنڊ هٿ اچڻ جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري وردي جو ناجائز فائدو وٺي مزدور ماڻهن سان ظلم ڪيو آهي




ڪراچي ڪي ايم سي منگهوپير چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جو همدرد يونيورسٽي جي انتظاميا سان ملاقات دوران ورتل فوٽو

منگهوپير ٽائون جي چيئرمين سان همدرد يونيورسٽي انتظاميه جي ملاقات

ملاقات دوران ملازمن ۽ مزدورن کي درپيش پراڻن مسئلن تي تفصيلي غور ويچار

مزدورن جي جائز مطالبن ۽ مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو ويندو: حاجي نواز علي بروهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي سان همدرد يونيورسٽي جي انتظاميه هڪ تفصيلي ۽ اهم ملاقات ڪئي هن ويهڪ دوران يونيورسٽي کي پيش ايندڙ انتظامي چيلنجن خاص طور ملازمن ۽ مزدورن کي درپيش پراڻن مسئلن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو پاڪستان پيپلز پارٽي جي مقامي اڳواڻن پڻ خاص شرڪت ڪئي ۽ جيئن گڏيل صلاح مشوري سان انهن مسئلن جي حل لاءِ عملي لائحه عمل تيار ڪيو وڃي ملاقات دوران ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي سان گڏ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ممتاز اڳواڻ خليفه مير محمد، ڪائونسل ميمبر ڪوثر اقبال ۽ ڪائونسلر سليم پڻ موجود هئا همدرد يونيورسٽي جي انتظاميه ٽائون چيئرمين ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي وفد جو پرتپاڪ استقبال ڪيو ۽ ڪين يونيورسٽي جي جاري معاملن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ان موقعي تي همدرد يونيورسٽي جي انتظاميه ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي طرفان علائقي ۾ ڪرائيل رڪارڊ ترقياتي ڪمن ۽ عوامي خدمتن کي انتهائي ساراهيو انتظاميه ان عزم جو اظهار ڪيو ته حاجي نواز علي بروهي جي قيادت ۾ يونيورسٽي ۽ ان جي ڀرپاسي جي تعليمي ۽ شهري ماحول ۾ نمايان بهتري ايندي ملاقات جو سڀ کان اهم موضوع يونيورسٽي جي مزدور طبقي جا مسئلا هئا ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي يونيورسٽي انتظاميه کي يقين ڏياريو ته مزدورن جي جائز مطالبن ۽ مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو ويندو هن چيو "تعليمي ادارن جي وقار جو تحفظ ۽ اتي ڪم ڪندڙ محنتڪشن جي حقن جي حفاظت اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي ۽ ان شاءَ الله ان سلسلي ۾ موجود سڀ رڪاوٽون جلد ختم ڪيون وينديون يونيورسٽي انتظاميه ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي وفد جي مخلصاڻين ڪوششن ۽ بروقت يقين ڏيارڻ تي ٿورا مڃيا، ۽ مستقبل ۾ پڻ گڏيل سهڪار جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو.

عوام کي رياست جي چالاڪين بابت ٻڌايو ويندو: مشتاق ماڇوٺو

قومي عوامي عوامي تحريڪ مرڪز پاران شروع ڪيل جدوجهد جاري آهي

10جولائي تي ڪاظمي سينٽر کان قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ويندي

سڪرنڊ (ن ع) قومي عوامي تحريڪ مرڪز پاران "متحد سنڌ مضبوط سنڌ" جي عنوان تحت 10 جون کان 31 جولائي تائين شروع ڪيل جدوجهد جي سلسلي ۾ قومي عوامي تحريڪ جي ضلعي پريس سيڪريٽري مشتاق ماڇوٺو ضلعي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري رسول بخش لغاري، تعلقه صدر نصرالله جمالي ۽ جوائنٽ سيڪريٽري امداد علي ڪيريو پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته رياست پاران سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشن وسيلن جي وڪري، آئيني ترميم سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ سميت جيڪي به ناڪام منصوبا آهن انهن خلاف قومي عوامي عوامي تحريڪ مرڪز پاران شروع ڪيل جدوجهد جي سلسلي ۾ 10 جولائي تي ڪاظمي سينٽر کان قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ويندي جنهن ۾ عوام کي رياست جي چالاڪين بابت ٻڌايو ويندو هنن عوام ۽ خاص طور تي سنڌ دوست ڌرين کي اپيل ڪئي ته هو 10 جولائي تي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي گڏ ٿي "متحد سنڌ ۽ مضبوط سنڌ" واري جدوجهد واري آواز کي سگهارو بنائين


سڪرنڊ مشتاق ماڇوٺو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي سالياني گڏجاڻي

اجلاس ۾ ڊاڪٽر محمد صادق سيال سال جي ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي، اطمينان جو اظهار

هن سال ٿيليسيميا جي مريضن ۾ اضافو ٿيو آهي جيڪي سنڌ جي مختلف شهرن مان آيا آهن: آگاهي

سڪرنڊ (ن ع) ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي سالياني گڏجاڻي چيئرمين پروفيسر علي بخش سومرو جي صدارت هيٺ ٿيليسيميا سينٽر جي ڪانفرنس هال ۾ ٿي گذري جنهن ۾ ڪائونسل جي ميمبرن شرڪت ڪئي جن ۾ وائيس چيئرمين چوڌري عبدالقيوم آرائين، جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال، جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنه، سيد محمد منير شاهه صدرالدين ميمڻ مير محمد سيال انجنيئر ترپش ڪمار پروفيسر سنتوش ڪمار چوڌري ظفر علي آرائين عبدالفتاح جمالي اي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر منصور احمد سومرو ۽ قاضي جاويد سنائي شامل هئا اجلاس ۾ ڊاڪٽر محمد صادق سيال سال جي ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي جنهن تي بورڊ پاران اطمينان جو اظهار ڪيو ويو جڏهن ته فنانس مينيجر عاطف سولنگي سال جي آمدني ۽ خرچ بابت بورڊ کي آگاهي ڏني جنهن بعد ڊاڪٽر فيضان ميمڻ مختلف ادارن ۾ ٿيليسيميا جي آگاهي پروگرامن، ٿيليسيميا بابت ٽيسٽن، حمل دوران ٽيسٽن ۽ مختلف بلڊ ڊونيشن ڪيمپن سميت سينٽر جي مجموعي طور ٿيندڙ خرچ جا تفصيل پيش ڪيا اجلاس دوران غلام نبي چنه ٻڌايو ته هن سال ٿيليسيميا جي مريضن ۾ اضافو ٿيو آهي جيڪي سنڌ جي مختلف شهرن مان آيا آهن جن جو انگ 180 آهي جنهن سان اسان جي اداري ۾ ٿيليسيميا جي رجسٽرڊ ٻارن جو تعداد 2865 ٿي چڪو آهي.


سڪرنڊ ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي سالياني گڏجاڻي ٿي رهي آهي

فٽ بال ورلڊ ڪپ 2026 ع ۾ انگلينڊ جي ٽيم پاران ٽاپ 16 ۾ رسائي

ائٽلانٽا (اي پي پي) انگلينڊ جي فٽ بال ٽيم جي ڪپتان هيري ڪين آخري وقت ۾ 2 شاندار گول ڪري انگلينڊ کي فيفا ورلڊ ڪپ جي تاريخ جي سڀ کان وڏي اپ سيٽ ۽ عبرتناڪ شڪست کان بچائي ورتو ۽ انگلينڊ جي ٽيم ٽاپ 16 رائونڊ لاءِ ڪواليفائي ڪري ورتو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب ائٽلانٽا ۾ کيڏيل ان دلچسپ ناڪ آئوٽ ميچ ۾ ڪانگو ڊي آر شاندار شروعات ڪئي ۽ ميچ جي شروعاتي منٽن ۾ برائن سيپينگا جي شاندار گول سبب ٽيم کي فيورٽ انگلينڊ خلاف 0-1 جي گول جي حيران ڪن برتري ڏياري ڇڏي ۽ انگلينڊ جي ٽيم تي دٻاءُ وڌائي ڇڏيو پهرين هاف ۾ انگلينڊ جي اسٽار رانديگر جوڊبيلنگهم ۽ مارڪس ريشفورڊ جي حملن کي ڪانگو جي گول ڪيپر ليونل مپاسي بهترين ڪارڪردگي ڏيکاري ناڪام بڻايو جڏهن ته ڪوچ ٿامس ٽوخل پاران ٻئي هاف ۾ ڪيل تبديلين ميچ جو رخ بدلائي ڇڏيو جتي متبادل رانديگر اينٿوني گورڊن بهترين راند پيش ڪندي 75 هين منٽ ۾ ڪراس فراهم ڪيو جنهن تي هيري ڪين هيڊر ذريعي گول ڪري مقابلو 1-1 تان برابر ڪري ڇڏيو ان کان پوءِ 86 هين منٽ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر گورڊن وٽ هيري ڪين پنهنجو ٻيو گول اسڪور ڪري ٽيم جي ڪاميابي يقيني بڻائي انهن ٻن گولن سميت هيري ڪين جو ورلڊ ڪپ تاريخ ۾ گولن جو انگ 13 ٿي ويو آهي هاڻي ميگا ايونٽ ۾ ايندڙ آچر تي رائونڊ آف 16 جي وڏي مقابلي ۾ انگلينڊ جو مقابلو ميزبان ميڪسيڪو سان هوم گرائونڊ اسٽيڊيو ازٽيڪا ۾ ٿيندو

فيفا ورلڊ ڪپ 2026ع ۾ بيلجيم پاران سنسني خيز فتح، ورلڊ ڪپ جي پري ڪوارٽر فائنل لاءِ ڪواليفائي ڪري ورتو

سيئٽل (اي پي پي) بيلجيم جي ٽيم انتهائي سخت مقابلي بعد فيفا ورلڊ ڪپ جي 32 هين ميچ ۾ سينيگال جي ٽيم کي 2-3 تان شڪست ڏئي پري ڪوارٽر فائنل لاءِ ڪواليفائي ڪري ورتو آهي . پرڏيهي ميڊيا مطابق بيلجيم جي هيڊڪوچ رودي گارشيا چيو ته سينيگال خلاف 2-3 جي ڊراماڻي فتح سان ٽيم جو اعتماد وڌيڪ مضبوط ٿيندو ۽ اها ورلڊ ڪپ جي ايندڙ مرحلي ۾ به انهي جذبي سان ميدان ۾ لهندي . آمريڪا جي شهر سيئٽل ۾ کيڏيل ناڪ آئوٽ مرحلي جي ميچ ۾ سينيگال حبيب ديار ۽ سماعيل سار جي گولن عيوض 0-2 جي سرسي حاصل ڪري ورتي هئي ۾ بيلجيم جي ٽيم آخري 5 منٽن ۾ شاندار واپسي ڪندي روميلولوڪاڪو ۽ يوري ٽيليمانس جي گولن تان مقابلو 2-2 تان برابر ڪري ڇڏيو ، جنهن بعد ميچ اضافي وقت ۾ هلي وئي اضافي وقت جي 125هين منٽ ۾ بيلجيئم جي يوري ٽيليمانس پينالٽي تي فيصلي جوڳو گول ڪري بيلجيم جي ٽيم کي 2-3 تان فتح ڏياري ميچ بعد پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي رودي گارشيا چيو ته فٽ بال جذبات سان ڀرپور راند آهي ۽ 83 هين منٽ تائين واپسي آسان نظر نه اچي رهي هئي هن رانديگرن کي چيو هو ته جيڪڏهن هڪ ٻيو گول ٿي ويو ته ميچ جو رخ بدلجي سگهي ٿو ۽ ٽيم ائين ئي ڪري ڏيکاريو . هن چيو ته 120 منٽ کيڏڻ سبب رانديگر شديد ٿڪل آهن ان لاءِ هاڻي ٽيم جي اولين ترجيح رانديگرن جي مڪمل آرام ۽ بحالي تي آهي .

ملي ۾ ميگهواڙ پريميئر ليگ پاران ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ شروع

پهرين ميچ جو افتتاح پ پ پ اڳواڻ انجنيئر گيان چند ٿهراڻي ۽ راهول جيوڻ ڪيو

ميگهواڙ پريميئر ليگ وڌيڪ ٽن ڏينهن تائين جاري رهندي، فائنل ۾ انعام ورهايا ويندا

ملي (ڊ-ر) ميگهواڙ پريميئر ليگ پاران چار ڏينهن واري ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ ماروي اسپورٽس گرائونڊ ملي ۾ ڪالهه کان شروع ڪئي وئي آهي جنهن ۾ ڪل ڏهه ٽيمون حصو وٺي رهيون آهن. جڏهن ته ليگ کي راجيش ڪوڪي ٽول ڪانهاٽي ۽ ٻيا نوجوان آرگنائيز ڪري رهيا آهن پهرين ميچ جو افتتاح پ پ پ اڳواڻ انجنيئر گيان چند ٿهراڻي ۽ راهول جيوڻ ڪيو. ميگهواڙ پريميئر ليگ وڌيڪ ٽن ڏينهن تائين جاري رهندي جڏهن ته ۽ فائنل ۾ رانديگرن ۾ انعام ۽ ٽرافيون ورهايون وينديون.

سڄاول ۾ آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين جو اجلاس

يونين جي ميمبرن پاران متفقه راءِ ۽ اڪثريت سان اڳوڻي پينل تي ڀيهر اعتماد جو اظهار

ملازمن جي جائز مسئلن جي حل لاءِ هر فورم تي آواز اٿارينداسين: علي اڪبر لاشاري

سڄاول (ڊ ر) جيسڪو سڄاول ۾ آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين جي 2026—2028ع واري تنظيمي چونڊن جي سلسلي ۾ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ يونين جي ميمبرن متفقه راءِ ۽ اڪثريت سان اڳوڻي سائيٽي پينل کي چونڊي جو اظهار ڪندي ساڳئي پينل کي چونڊي ورتو اجلاس دوران شير زمان سهتو کي چيئرمين علي اڪبر لاشاري کي وائيس چيئرمين عبدالحڪيم خاصخيلي کي جنرل سيڪريٽري ۽ نياز علي خواجه کي جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيو ويو ان موقعي تي چونڊيل عهديدارن خطاب ڪندي چيو ته هو ملازمن جي حقن جي تحفظ، اداري جي بهتري، ڀلائي ۽ يونين کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا ۽ ملازمن جي جائز مسئلن جي حل لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريندا اجلاس جي پڄاڻي تي سياسي سماجي، سول سوسائٽي جي اڳواڻن، واپڊا ملازمن ۽ شهرين نون چونڊيل عهديدارن کي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪندي سندن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو


سڄاول آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين جو اجلاس ٿي رهيو آهي

خيرپور جي فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج پاران قتل ڪيس جو فيصلو

هڪ جوابدار کي موت جي سزا ۽ ڇهن جوابدارن کي عمر قيد جي سزا

سڀني جوابدار گڏيل طور مقتول بشير احمد جوڻيجو جي وارثن کي 25 لک رپيا معاوضو ادا ڪندا

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج لياقت علي ڪوسو جي عدالت قتل جي هڪ ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي هڪ جوابدار کي موت جي سزا ۽ ڇهن جوابدارن کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي آهي تفصيل موجب، 12 سال اڳ شاهه حسين ٿاڻي جي حد ڳوٺ خانپور جوڻيجو ۾ بشير احمد جوڻيجو کي قتل ڪيو ويو هو جنهن جو ڪيس شاهه حسين ٿاڻي تي ... احمد کي موت جي سزا جڏهن ته ٻين جوابدارن محرم علي محمد عرس مصطفيٰ ۽ نظر حسين کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي عدالت پنهنجي فيصلي ۾ اهو پڻ حڪم ڏنو ته سڀئي جوابدار گڏيل طور مقتول بشير احمد جوڻيجو جي وارثن کي 25 لک رپيا معاوضو ادا ڪندا ان کان علاوه هر جوابدار تي هڪ هڪ لک رپيا ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيو ويو آهي ڏنڊ ادا نه ڪرڻ جي ...

سڄاول لڳ سر نالي تي تعمير هيٺ پل جي ڪم ۾ مبينا سست رفتاري خلاف احتجاج

پل جي تعمير دوران سر نالي کي عارضي طور بند ڪرڻ سبب پاڻي جو قدرتي وهڪرو متاثر ٿيو آهي: آبادگار

پاڻي بيهڻ سبب فصل سخت متاثر ٿي رهيا آهن. جڏهن ته علائقي ۾ روزاني آمدرفت پڻ ڏکي بڻجي وئي آهي

پاڻي جي نيڪال لاءِ مناسب انتظام نه هجڻ ڪري زرعي زمينون مسلسل متاثر ٿي رهيون آهن پل جو ڪم جلد مڪمل ڪيو وڃي


سڄاول سر نالي تي تعمير هيٺ پل جي ڪم ۾ مبينا سست رفتاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سڄاول (ڊ ر) سر نالي تي پل جي تعمير ۾ سست رفتاري خلاف آبادگارن جو احتجاج ڪم جلد مڪمل ڪرڻ جو مطالبو سڄاول کان ڪنڊو محمد خان تائين تعمير ٿيندڙ روڊ منصوبي تحت سر نالي تي تعمير هيٺ پل جي ڪم ۾ مبينا سست رفتاري خلاف متاثر آبادگارن احتجاجي مظاهرو ڪري لاڳاپيل اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ ۽ تعميراتي ڪم جلد مڪمل ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو اطلاعن موجب پل جي تعمير دوران سر نالي کي عارضي طور بند ڪرڻ سبب پاڻي جو قدرتي وهڪرو متاثر ٿيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اوور فلو ٿيل پاڻي ڀرپاسي جي زرعي زمينن ۾ داخل ٿي بيٺل فصلن کي نقصان پهچائي رهيو آهي آبادگارن جو چوڻ آهي ته پاڻي بيهڻ سبب سندن فصل سخت متاثر ٿي رهيا آهن جڏهن ته علائقي ۾ روزاني آمدرفت پڻ ڏکي بڻجي وئي آهي احتجاج جي اڳواڻي جمعيت علماءِ اسلام جي اڳواڻ عبدالغني سومرو مولانا عبدالرزاق ڪئي ڪئي جنهن ۾ وڏي انگ ۾ متاثر آبادگارن ۽ علائقي واسين شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته پل جي تعميراتي ڪم ۾ غير ضروري دير سبب هارين جا مسئلا ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن جڏهن ته پاڻي جي نيڪال لاءِ مناسب انتظام نه هجڻ ڪري زرعي زمينون مسلسل متاثر ٿي رهيون آهن احتجاج ڪندڙن حڪومت، ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل تعميراتي اداري کان مطالبو ڪيو ته پل جي تعميراتي ڪم ۾ فوري تيزي آندي وڃي سر نالي مان پاڻي جي نيڪال جو هنگامي بنيادن تي بندوبست ڪيو وڃي ۽ متاثر آبادگارن کي وڌيڪ مالي نقصان کان بچائڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبن تي جلد عمل نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

ڏگهڙي مان گذرندڙ برساتي پاڻي جي قدرتي لنگهه سرفراز واهه جي صفائي نه ٿي

ڊهي پيل پل واري هنڌ تي برسات جي ڏينهن ۾ ٻوڏ جهڙي صورتحال سبب وڏي تباهي جو خدشو

ڏگهڙي کي ڪيٽرن ئي ڳوٺن سان ملائيندڙ سرفراز واهه تي پل گذريل هڪ سال کان زبون حالي سبب ڊهي پيو آهي: رهواسي

ڪاٺي ڳري مشينري ذريعي پل جي ٻن دروازن کي مٽي وجهي بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ رڳو هڪ دروازو کليل ڇڏيو ويو آهي


ڏگهڙي مان گذرندڙ برساتي پاڻي جي قدرتي لنگهه سرفراز واهه جي صفائي نه ٿي سگهي آهي

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي مان گذرندڙ برساتي پاڻي جي قدرتي لنگهه سرفراز واهه جي صفائي نه ٿيڻ ۽ ڊهي پيل پل واري هنڌ تي برسات جي ڏينهن ۾ ٻوڏ جهڙي صورتحال سبب وڏي تباهي جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي تفصيل موجب ڏگهڙي شهر مان گذرندڙ برساتي پاڻي جي قدرتي لنگهه ۽ تاريخي سرفراز واهه جيڪو ڪلهوڙا دور ۾ سرفراز ڪلهوڙي جي نالي سان منسوب هو ۽ سڄي علائقي جي زرعي زمينن کي آباد ڪندو هو اڄ ايل بي او ڊي ڪاٺي جي نااهلي ۽ بي ڌياني سبب تباهي جو سبب بڻجي ويو آهي وڏيرو زاهد علي رمدان فقير اورنگزيب لغاري ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هر سال برسات کان اڳ سرفراز واهه جي صفائي ۽ ڪنارن کي مضبوط ڪرڻ جون دعوائون ڪيون وڃن ٿيون پر برسات جو موسم ختم ٿيندي ئي اهي سڀ واعدا وساري ڇڏيا وڃن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ هر سال برساتي پاڻي سبب سڄو علائقو ٻوڏ جي ور چڙهي وڃي ٿو هنن سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي ٻڌايو ته ڏگهڙي کي ڪيٽرن ئي ڳوٺن سان ملائيندڙ سرفراز واهه تي پل گذريل هڪ سال کان زبون حالي سبب ڊهي پيو آهي جيڪو اڃا تائين بهتر تعمير نه ٿي سگهيو آهي ان کان علاوه ڪاٺي ڳري مشينري ذريعي پل جي ٻن دروازن کي مٽي وجهي بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ رڳو هڪ دروازو کليل ڇڏيو ويو آهي سندن چوڻ هو ته برسات جو موسم ويجهو اچي ويو آهي پر لاڳاپيل ادارن جي بي ڌياني سبب سڄي علائقي کي سرفراز واهه سيم نالي ۾ ٻڏي وڃڻ جو خطرو درپيش آهي هنن الزام هنيو ته ايل بي او ڊي جا عملدار رڳو ڪاغذن ۾ ڪوڙا بل ٺاهي مبينا ڪرپشن ۾ مصروف آهن جڏهن ته عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ ڪو به عملي قدم نه کنيو پيو وڃي هنن وڌيڪ چيو ته تعلقو ڏگهڙي ۾ سرفراز واهه جي اثر هيٺ ايندڙ سوين ڳوٺن کي ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ ڪو به بندوبست نه ڪيو ويو آهي هر سال اسان جا گهڻي فصل ۽ زرعي زمينون برساتي ۽ ٻوڏ جي پاڻي هيٺ اچي تباهه ٿي وڃن ٿيون پر اسان جي ڪا به واهر ڪرڻ ۽ داد فرياد ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي

حيدرآباد ۾ سول سوسائٽي سنڌ جي سڏ تي غلام نبي مگسي جي بي رحمانه قتل خلاف احتجاج

شهيد غلام نبي مگسي کي انصاف، قاتلن جي گرفتاري ۽ قانون جي بالادستي جي حق ۾ نعريبازي

واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي بنا دير گرفتار ڪري شفاف جاچ ذريعي قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي: اڳواڻ

جيڪڏهن قاتلن کي جلد گرفتار نه ڪيو ويو ته سول سوسائٽي سنڌ احتجاج جو دائرو سڄي صوبي تائين وڌائيندي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سول سوسائٽي سنڌ جي سڏ تي حيدرآباد پريس ڪلب آڏو شهيد غلام نبي مگسي جي بي رحمانه قتل خلاف ۽ قاتلن جي فوري گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ۾ سماجي ڪارڪنن، انساني حقن جي اڳواڻن، وڪيلن، صحافين، اديبن، شاگردن، سياسي ۽ مذهبي نمائندن سميت مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي احتجاج ڪندڙن هٿن ۾ پليءَ ڪارڊ ۽ بينر کڻي شهيد غلام نبي مگسي کي انصاف، قاتلن جي گرفتاري ۽ قانون جي بالادستي جي حق ۾ نعريبازي ڪئي مظاهرين چيو ته شهيد غلام نبي مگسي جو قتل سنڌ جي امن، انصاف ۽ انساني حقن تي حملو آهي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي سماجي اڳواڻ سنڌيار سومرو، عباس کوسو خالد ٻين ايڊووڪيٽ امير حيدر ٻين ڪامريڊ امتياز ڳرڳيڙ فاطمه نازش واحد ڪوسو لال خان سري،سينگار علي چانڊيو،رياض ٻرڙو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو انتظاميا ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي بنا دير گرفتار ڪري شفاف جاچ ذريعي قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي، جيئن متاثر خاندان کي انصاف ملي ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن جي روڪٿام ٿي سگهي احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن قاتلن کي جلد گرفتار نه ڪيو ويو ته سول سوسائٽي سنڌ احتجاج جو دائرو سڄي صوبي تائين وڌائيندي ۽ جمهوري ۽ آئيني حق تحت پنهنجي پرامن جدوجهد جاري رکندي آخر ۾ شرڪت ڪندڙن شهيد غلام نبي مگسي جي بلند درجن لاءِ دعا ڪئي وارثن سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ انصاف جي فراهمي تائين جدوجهد جاري رکڻ جي عزم کي ورجايو

مسوپرڳڙي ۾ ڪاري ڪامڻ جي موذي وبا تي ضابطو نه اچي سگهيو

ڳوٺ غلام حيدر جويو ۾ 60 سالہ عبدالرحمان ولد احمد جويو ڪاري ڪامڻ رڳهي فوت

دوست محمد ولد محمد رمضان خاصخيلي پڻ ڪاري ڪامڻ رڳهي فوت ٿي ويو هو

مسوپرڳڙي (ن ع) مسوپرڳڙي لڳ يوسي 1 جيٺندل ڪوٽ جي ڳوٺ غلام حيدر جويو ۾ ڪاري ڪامڻ جي موذي وبا تي اڃا تائين ضابطو نه اچي سگهيو آهي 60 سالہ عبدالرحمان ولد احمد جويو فوت ٿي ويو.جڏهن ته گذريل هفتي ساڳئي ڳوٺ ۾ 63 سالہ دوست محمد ولد محمد رمضان خاصخيلي پڻ ڪاري ڪامڻ رڳهي فوت ٿي ويو هو جنهن بعد هن بيماري سبب فوت ٿيلن جو مجموعي انگ سڙ تائين پهچي ويو آهي، جنهن سبب سڄي علائقي ۾ خوف ۽ ڳڻتي جي لهر ڇانيل آهي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته پاڪستان جي قيام کان وٺي اڄ تائين هن وڏي آبادي واري ڳوٺ کي بنيادي صحت جون سهولتون به نصيب نه ٿيون آهن ڪيترائي ڀيرا چونڊيل نمائندن ۽ لاڳاپيل اختيارين کي درخواستون ڏيڻ باوجود اڄ تائين هڪ ڊسپينسري يا بنيادي صحت مرڪز به قائم نه ڪيو ويو آهي، جنهن سبب مريضن کي علاج لاءِ ڏورانهن شهرن ڏانهن وٺي وڃڻو پوي ٿو ڳوٺاڻن ۽ سماجي اڳواڻن سخت احتجاج ڪندي حڪومت سنڌ، ضلعي انتظاميا صحت کاتي کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي هنن چيو آهي ته متاثر علائقي ۾ ترت رت جي چڪاس لاءِ طبي ڪيمپون لڳايون وڃن بيماري کان بچاءُ لاءِ حفاظتي ٽڪا ۽ ضروري دوائون فراهم ڪيون وڃن متاثر خاندانن کي مفت علاج جون سهولتون ڏنيون وڃن ۽ ڳوٺ غلام حيدر جويو ۾ مستقل بنيادن تي هڪ بنيادي صحت مرڪز يا اسپتال قائم ڪئي وڃي ڳوٺاڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن صحت کاتي ۽ حڪومت هن سنگين انساني الميي جو فوري نوٽيس نه ورتو ته بيماري وڌيڪ جاني نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿي، جنهن جي ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي هوندي

ٿارو شاهه: اڳوڻي ايم اين اي حاجي دريا خان جلباڻي جي گهرواريءَ جي وفات تي تعزيتي سلسلو جاري

ٿاروشاهه(ن ع) اڳوڻي ايم اين اي حاجي دريا خان جلباڻي جي گهرواريءَ جي وفات تي سندس پوٽي اڳوڻي ايم پي اي سليم رضا جلباڻي اڳوڻي چيف انجنئر پبلڪ هيلٿ نور احمد جلباڻي جي ڊي اڳواڻ شڪيل احمد جلباڻي سان وزير علا سنڌ سيد مراد علي شاهه صوبائي وزير سيد ناصر شاهه صوبائي وزير مڪيش چاولا سردار يار محمد رند اورنگزيب پنهور ايم پي اي قاسم سراج سومرو اڳوڻو مملڪتي وزير سيد اصغر شاهه اڳوڻو صوبائي وزير سيد مراد علي شاهه ايم پي اي سيد حسن شاهه صوبائي وزير ذوالفقار علي شاهه صوبائي وزير سعيد غني ايم پي اي علي حسن هنگورو ايم پي اي سردار محمد بخش مهر ايم پي اي ڊاڪٽر لال چند اڪراڻي اڳوڻو ايم پي اي ڊاڪٽر احمد علي شاهه ايم اين اي سيد ابرار شاهه سنڌس پونيير ميجر غلام اڪبر جلباڻي امجد علي جلباڻي اصغر علي جلباڻي سان تعزيتي سلسلو جاري آهي

سنڌ پوليس ۽ انتظاميا جو ٻٽو معيار جاري آهي: علامه مبشر حسن

ماتمي جلوسن، مجلسن توڙي سبيل لڳائڻ تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

پابندي مڙهيل تنظيمن جا ڪارڪن نالا تبديل ڪري ساڳيا انتشار ڦهلائڻ وارا ڪم ڪري رهيا آهن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)مجلس وحدت مسلمين سنڌ جي جنرل سيڪريٽري علامه مبشر حسن ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ سينٽر نائب صدر مولانا صادق جعفري، مولانا عمران علي دستي، علي نظير زيدي، مولانا نورحسن وقار زيدي، زوار نظام دين انقلابي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌ پوليس ۽ ضلعي انتظاميا محرم الحرام دوران اهل تشيع پاران نڪرندڙ ماتمي جلوسن، مجلسن توڙي سبيل لڳائڻ تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جن جي اسان مذمت ڪريون ٿا هن چيو ته سنڌ پوليس ۽ انتظاميا جو ٻٽو معيار جاري آهي پابندي مڙهيل تنظيمن جا ڪارڪن نالا تبديل ڪري ساڳيا انتشار ڦهلائڻ وارا ڪم ڪري رهيا آهن انهن خلاف ڪا به ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي جڏهن ته حضرت امام حسن ۽ امام حسين جي چاهيندڙن پاران پرامن عزاداري ڪندڙ مجلسون ڪندڙ توڙي سبيل لڳائڻ تان ڪيس داخل ڪيا وڃن ٿا. هن چيو ته سنڌ پرامن ۽ حضرت امام حسين عليه السلام جي چاهيندڙن جي ڌرتي آهي جتي هٿ وٺي بدامني ۽ مذهبي انتشار پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جيڪا ڪنهن صورت ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين هن چيو ته ڪراچي،ميرپورخاص ۽ سڄاول ۾ پابندي مڙهيل تنظيمن جي اڳوڻي ڪارڪنن پاران محرم الحرام جي ماتمي جلوسن، مجلسن ۽ سبيلن تي بي بنياد اعتراض واري ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جنهن سبب مجلس وحدت مسلمين ۾ سخت ڳڻتي ڇانيل آهي هن مطالبو ڪيو ته اهل تشيع جي علماءِ ڪرام ۽ ڪارڪنن تي داخل ڪيس جلد ختم ڪيا وڃن ۽ پابندي مڙهيل تنظيمن جي اڳوڻي ڪارڪنن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

حيدرآباد ڪينٽونمينٽ بورڊ جي اڳوڻي ڪائونسلر پاران فرمان الاهي شيخ جي گهرواريءَ جي وفات تي ڏک جو اظهار

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ڪينٽونمينٽ بورڊ جي اڳوڻي ڪائونسلر اصغر علي خان يوسفزئي اسلامڪ ايجوڪيشن ايسوسيئيشن (رجسٽرڊ) جي نائب صدر فرمان الاهي شيخ جي گهرواريءَ جي ڪراچي ۾ بيماري دوران وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي دلي تعزيت ڪئي آهي پنهنجي تعزيتي بيان ۾ اصغر علي خان يوسفزئي دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم جي مغفرت فرمائي کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ سندس پونئرن کي صبر جميل عطا فرمائي ٻئي طرف اصغر علي خان يوسفزئي حيدرآباد جي اڳوڻي جماعت اسلامي جي رڪن محمد مسڪين اعوان مرحوم جي نوجوان پوٽي ۽ لياقت علي اعوان جي فرزند عبدالرحمان جي اوچتي وفات تي پڻ سندس وارثن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو آهي

ڊي سي آفيس شڪارپور ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ گهٽتائي بعد ڪرائين ۾ لاٿ کي يقيني بڻائڻ جي حوالي سان گڏجاڻي

لاڙڪاڻو (اي پي پي) ڊپٽي ڪمشنر آفيس شڪارپور ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ گهٽتائي بعد ڪرائين ۾ لاٿ کي يقيني بڻائڻ جي حوالي سان هڪ اهم گڏجاڻي منعقد ٿي گڏجاڻي جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو ڪئي جڏهن ته سيڪريٽري آر ٽي اي، سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن ٽريفڪ سارجنٽس ۽ ٽرانسپورٽ مالڪن شرڪت ڪئي گڏجاڻي ۾ فيصلو ڪيو ويو ته شڪارپور مان سنڌ جي مختلف شهرن ڏانهن سفر ڪندڙ عوام ...

خيرپور جي پاپوليشن ويلفيئر آفيس ۾ خالي جاين لاءِ ڀرتي

15 خالي جاين تي ڀرتي لاءِ اميدوارن جا انٽرويو منعقد ڪيا ويا

ڀرتيون مڪمل شفافيت، ميرٽ ۽ انصاف جي اصولن تحت ڪيون پيون وڃن: ڊي سي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور: ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ جي سربراهي هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس خيرپور ۾ ضلعي پاپوليشن ويلفيئر آفيس ۾ فيملي ويلفيئر اسسٽنٽ (فيميل) (بي پي ايس-05) جي 15 خالي جاين تي ڀرتي لاءِ اميدوارن جا انٽرويو منعقد ڪيا ويا جن جو مقصد مڪمل شفافيت ۽ ميرٽ جي بنياد تي اهل اميدوارن جي چونڊ کي يقيني بڻائڻ هو انٽرويو دوران ڊپٽي ڪمشنر اميدوارن جي تعليمي قابليت، پيشه ورانه صلاحيت، اظهار خيال جي صلاحيت، خوداعتمادي ۽ آبادي جي ڀلائي واري شعبي بابت ڄاڻ ۽ آگاهي جو تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي ڪنهن به مرحلي تي ميرٽ تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو هن چيو ته پاپوليشن ويلفيئر کاتي ۾ قابل باصلاحيت ۽ ذميوار عورتن جي شموليت سان عوام کي معياري خانداني ڀلائي جون خدمتون فراهم ڪرڻ ۾ نمايان بهتري ايندي انٽرويو پينل ۾ پاپوليشن ويلفيئر کاتي جي سيڪشن آفيسر مزمل سمو، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر رياض احمد شيخ ۽ ضلعي پاپوليشن ويلفيئر آفيسر محمد انور قلپوٽو پڻ شامل هئا جن اميدوارن جي مختلف پيشه ورانه پهلوئن کان جائزو ورتو واضح رهي ته آءِ بي اي جي تحريري امتحان ۾ ڪامياب ٿيندڙ 83 ...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 03 جولاءِ 2026ع

پاڪ-ڀارت لاڳاپن جي بحالي لاءِ اهم شخصيتن جو گڏيل خط!

ڏکڻ ايشيا دنيا جو اهو خطو آهي، جتي وڏي آبادي، وسيع قدرتي وسيلا ۽ نوجوانن جي وڏي اڪثريت موجود هجڻ باوجود غربت، بيروزگاري، عدم استحڪام ۽ سياسي ڇڪتاڻ ترقيءَ جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل آهي. پاڪستان ۽ ڀارت، جيڪي هن خطي جون ٻه اهم جوهري قوتون آهن، آزاديءَ کانپوءِ ڪيترين ئي جنگين، سرحدي تڪرارن ۽ سياسي اختلافن سبب اڄ تائين مڪمل اعتماد جو ماحول قائم ڪري نه سگهيا آهن. نتيجي طور ٻنهي ملڪن جا وسيلا ترقي بدران دفاعي ضرورتن تي خرچ ٿيندا رهيا آهن، جڏهن ته عام ماڻهو امن خوشحالي ۽ ترقيءَ جي ثمر کان گهڻي حد تائين محروم رهيا آهن. اهڙي پسمنظر ۾ پاڪستان ۽ ڀارت جي 117 نامور شخصيتن پاران ٻنهي ملڪن جي سربراهن شهباز شريف ۽ نريندر موديءَ ڏانهن لکيل گڏيل ۽ کليل خط هڪ اهم ۽ حوصلا افزا قدم آهي. هن خط ۾ ٻنهي حڪومتن کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته هو باهمي لاڳاپن کي معمول تي آڻڻ، اعتماد جي فضا بحال ڪرڻ ۽ مستقل امن لاءِ سنجيده، عملي ۽ پائيدار قدم کڻن. اها اپيل صرف سياسي نوعيت جي نه پر خطي جي لکين نوجوانن جي مستقبل، معاشي استحڪام ۽ سماجي خوشحاليءَ سان پڻ سڌيءَ ريت لاڳاپيل آهي. هيءَ حقيقت ڪنهن کان لڪل ناهي ته پاڪستان ۽ ڀارت دنيا جي تقريباً پنجين حصي جي آباديءَ جو گهر آهن جنهن ۾ وڏي اڪثريت نوجوانن تي مشتمل آهي. جيڪڏهن ٻنهي ملڪن جا وسيلا هٿيارن جي ڊوڙ بدران تعليم، صحت، سائنس، ٽيڪنالاجي، روزگار ۽ بنيادي ڍانچي جي ترقيءَ تي خرچ ٿين ته نه صرف ٻنهي ملڪن جو عوام فائدو حاصل ڪندو پر سڄي ڏکڻ ايشيا ۾ اقتصادي خوشحاليءَ جا نوان در کلندا.

سينٽر فار پيس اينڊ پروگريس جي سرپرستيءَ ۾ جاري ڪيل هن خط تي ٻنهي ملڪن جي سياستدانن، سفارتڪارن، دانشورن ۽ تعليمي ماهرن جون صحيحون موجود آهن. انهن شخصيتن جو گڏيل آواز اهو ظاهر ڪري ٿو ته امن صرف حڪومتن جي ذميواري ناهي پر سماج جي باشعور طبقن جي به خواهش آهي. جڏهن مختلف خيالن ۽ سياسي وابستگين سان تعلق رکندڙ ماڻهو امن لاءِ هڪ ئي پليٽ فارم تي گڏ ٿين ٿا ته اها ڳالهه مستقبل لاءِ اميد جو هڪ روشن ڪرڻو بڻجي ٿي. خط ۾ اعتماد سازيءَ لاءِ جيڪي تجويزون پيش ڪيون ويون آهن، سي عملي ۽ حقيقت پسند آهن. ٻنهي ملڪن ۾ مڪمل سفارتي لاڳاپن جي بحالي، هاءِ ڪمشنرن جي ٻيهر مقرري، ويزا خدمتن جي بحالي، فضائي حدن کي واپاري اڏامن لاءِ کولڻ، واڳها- اٽاري سرحد ذريعي واپار ۽ آمدرفت جي بحالي، سرينگر- مظفرآباد بس سروس کي ٻيهر شروع ڪرڻ ۽ عوامي رابطن کي هٿي ڏيڻ جهڙا قدم ٻنهي ملڪن وچ ۾ پيدا ٿيل بي اعتماديءَ کي گهٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. تاريخ شاهد آهي ته جڏهن به پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ڳالهين جو سلسلو جاري رهيو، تڏهن ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي آئي ۽ واپار، سياحت، تعليم ۽ ثقافتي رابطن ۾ بهتري پيدا ٿي. ان جي ابتڙ جڏهن به ڳالهين جا در بند ٿيا، تڏهن غلط فهميون وڌيون، سرحدي ڇڪتاڻ ۾ اضافو ٿيو ۽ ٻنهي ملڪن جي عوام کي معاشي ۽ سماجي نقصان برداشت ڪرڻو پيو. تنهن ڪري اختلافن جو حل جنگ يا ڌمڪين ۾ نه پر مسلسل ڳالهين، سفارتڪاري ۽ باهمي احترام ۾ موجود آهي. پاڪستان ۽ ڀارت جي عوام جي تاريخ، ثقافت، ٻوليون، روايتون ۽ ڪيترائي سماجي قدر هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن. ادب، موسيقي، راندين، فلم، تعليم ۽ واپار جهڙا شعبا اهڙا وسيلا آهن، جيڪي سياسي اختلافن جي باوجود ماڻهن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي سگهن ٿا. اسين سمجهون ٿا نوجوان نسل کي نفرت بدران اميد، تعاون ۽ ترقيءَ جو پيغام ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت بڻجي چڪو آهي. يقيناً ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪجهه پيچيده مسئلا موجود آهن جن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. پر اهي مسئلا ڳالهين جي ميز تي ئي حل ٿي سگهن ٿا، نه ئي تڪرار، الزام تراشي يا فوجي ڇڪتاڻ وسيلي هڪ ذميوار قيادت جي سڃاڻپ اها هوندي آهي ته اها جذبات بدران تدبر، صبر ۽ سفارتڪاريءَ کي ترجيح ڏئي، جيئن ايندڙ نسل امن ۽ ترقيءَ واري ماحول ۾ زندگي گذاري سگهي.

لطيفي لاٽ —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪارا ڪکر ڪيس، اڄ پڻ آئر ٻار ڏي،
وڄون وسڻ آيون، ڪري لال لبيس،
پرين جي پرديس، مون کي مينهن ميڙيا.

بارانيءَ علائقن يعني اهي علائقا يا وسنديون جيڪي برسات پوڻ ڪري آباد ٿينديون آهن يا جتي نهري پاڻي جي پهچ ئي نه هوندي آهي جيئن ٿر ڪاڇو ڪوهستان جا علائقا آهن لطيف سائين اتان جو وايو منڊل پيش ڪري ٿو. جن عورتن جا ور، مٽ، مٽ ٻڌائي علائقن ڏانهن ڳڻن ڪرڻ ويل آهن ته جي سڪ ۾ هو اپ ڏانهن واجهائينديون رهنديون آهن ۽ خاص ڪري سارنگ (ساوڻيءَ) جي مند ۾. هن بيت ۾ به لطيف سائين ان باراني علائقن جي رهواسڻ عورت جي امنگن جي ترجماني ڪري ٿو ته "جڏهن هوءَ پنهنجي ڪارن ورن جهڙي ککن کي اتر طرف کان ايندي ڏسي ٿي ته ڏاڍو خوش ٿئي ٿي ۽ ٻڌائي ٿي ته جيڪي وڄن يا کنوڻ جا چمڪاٽ آهن جيڪي هتي مينهن وسڻ آيون آهن سي مون کي ڪنهن خوبصورت ڳاڙهي وڳي يا لباس جيڪو ڪنوار کي پارايو ويندو آهي، ان جهڙو ڏيک ڏئي رهيون آهن. آئون خوش ان ڪري آهيان جو منهنجا پرين پيارا جي ڏورانهن علائقن ڏانهن ويل آهن سي مينهن وسڻ جي مهر ڪري مون وٽ موٽي ايندا. سڪ، اڪير پوري ٿيندي، سڪ ۽ خوشي موٽي ايندي جو منهنجا سڄڻ پنهنجن علائقن جي آباد ٿيڻ ڪري واپس ورندا آهن

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

چاچا الھ ڏنو جانوري ٻه موڪلائي ويو!


نور سنڌي

ڪيرو تعلقي ۾ جتي ناري جون حدون ختم ۽ اچڙي ٿر جون حدون شروع ٿين ٿيون ان جي وچ واري علائقي ۾ واريءَ جي هڪ ڏڪي تي الله ڏنو جانوريءَ جي نالي سان آباد ڳوٺ جي سڃاڻ مهمان نواز، همدرد، محبتي ۽ سگهڙ چاچو الھ ڏنو جانوري به موڪلائي ويو ڪيرو تعلقي ۾ لوڻ ڪاڻ ۽ سرن واري کان به لڳ رستا مشهور ڳوٺ علم آباد وڃن ٿا وري علم آباد کان واريءَ جي ڏڙن جي لاهين چاڙهين سان گڏ هڪ ڪچو رستو مشهور ڳوٺ عباس سولنگي وڃي ٿو علم آباد ۽ عباس سولنگي ڳوٺ جي وچ تي ڳوٺ الله ڏنو جانوري آباد آهي جيڪو اڳ جانورين جو ڳوٺ سڏبو هو جيڪو بعد ۾ لاڙڪو ڪري ويل الھ ڏنو جانوري جي نالي سان سڏجي ٿو الھ ڏنو جو خاندان پير سائين پاڳارو جو مريد آهي الله ڏنو جانوري وڏن کان وٺي هاري مزدور رهيا آهن پاڻ پنهنجي خاندان سميت هاريو ڪندا آهن الله ڏنو جانوري بهترين سگهڙ، راڄائتي، مهمان نواز ۽ همدرد ماڻهو هو هن پنهنجي ڳوٺ پرسان علم آباد کان عباس سولنگي آباد ويندڙ ڪچي رستي تي پنهنجي حال سارو هڪ اوطاق نهرائي ڇاڪاڻ ته پاڻ مهمان نواز شخصيت هو سندس اوطاق تي ويندڙ عام ماڻهن ۽ فقير فقراءَ کي به ايتري عزت ملندي هئي جيتري هڪ مهمان کي.

ڪافي سالن کان ڳوٺ عباس سولنگي ۾ ٿيندڙ سگهڙن جي ڪچهرين ۾ سندس تڪتل تصويرون ۽ سگهڙ طور نالو فيس بوڪ تي نظر ايندو هو 2023ع ۾ جڏهن آئون سيارو شروع ٿيندي ڊسمبر ۾ پياري علي محمد سولنگي جي دعوت تي ڳوٺ عباس سولنگي ويو هئس ته علي محمد سولنگي مچ ڪچهري ۽ راڳ رهاڻ جي محفل ڪرائي ان ڪچهريءَ ۾ الھ ڏنو جانوري سان منهنجي ملاقات ۽ ڪچهري ٿي پاڻ سگهڙن جي ڪچهري ۾ سينگار بيت، لطيف سرڪار جي شاعري ۾ مختلف سگهڙن جا بيت ٻڌايا ۽ ڳجهارتن واري پروگرام ۾ ڳجهارتون ڏنيون سگهڙ ڪچهري ته رات جو دير تي وڃي ختم ٿي وئي ۽ پاڻ ٻئي ڏينهن اسان جي اٿڻ کان اڳ پنهنجي ڳوٺ مان عباس سولنگي پهچي ويو اسان کي پنهنجي جيپ ۾ ڪٽي اچڙو ٿر گهمايائين واپسيءَ تي سندس اسرار تي سندس ڳوٺ ۾ اسان جي اعزاز ۾ ڏنل چانهه پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿياسين نالي ۾ ته چانهه پارٽي هئي پر سندس اوطاق تي پهتاسين ته پاڻ ۽ سندس مٽ مائٽن اسان جي محبتن چاهتن خلوص سان آجيان ڪئي.

پاڻ ڪچهرين جو ڪوڏيو اچڙي ٿرجي ڏيڻ، ماڳن مڪانن ۽ لوڪ ڏاهپ بابت وڏي ڄاڻ رکندڙ هو اصل وٽس ڄاڻ جا خزانا هئا. پاڻ اچڙي ٿر توڙي ناري ۽ اچڙي ٿر جي وچ واري علائقي جي مسئلن ريتن رسمن ۽ هتان جي شخصيتن تي جيڪو ڳالهايو آئون سندس ڄاڻ تي حيران ٿي ويس پاڻ اڪرمتي ۾ پڙهيو ۽ ڪلهن ۾ اجرڪ پائيندو هو هو 80 سالن جي ڄمار ۾ اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو آهي پر سندس صحت بهتر هئي ڪچهري ڪندي سنڌي ماڻهن پاران مٺو اڳهاڙو ڪري هلڻ مهمان نوازي جهڙوڪ ختم ٿيڻ ماڻهن مان همدردي ۽ احساس ختم ٿيڻ تي تشويش جو اظهار ڪري رهيو هو پاڻ ڪچهريءَ ۾ چيائين ته ماضيءَ ۾ جيڪي ماڻهو مٿو اگهاڙو ڪري هلندا هئا، انهن کي مٿي اگهاڙو سڏيو ويندو هو معاشري ۾ اهڙن ماڻهن جي عزت نه هوندي هئي سنڌ ۾ تعليم جي تباهيءَ تي ڪيس ڳڻتي هئي اچڙي ٿر ۾ پاڻ سورهيه بادشاهه جو ٿلهو ڏيکاريو جنهن کي لوڙهو آيل هو پاڻ اتي هليو ته ادب ۽ احترام ۾ جتي لاهي ڇڏيائين پاڻ پير صاحب پاڳاري جي ٿلهي بابت آگاهه ڪيائين ته هتي پير سائين پاڳارو روحاني سفر تي آيو هو ۽ رات اچي ترسيو هو هن پڌايو ته اڄ به هن علائقي جا ماڻهو هن ٿلهي جو احترام ڪن ٿا الھ ڏنو جانوري سنڌس ڳوٺ مان اسان کي پنهنجي جيپ ۾ ڪٽي ڪيرو ڇڏي آيو پاڻ نه صرف ڳوٺ عباس سولنگي يا هن علائقي جي ڳوٺن ۾ ٿيندڙ سگهڙن جي ڪچهرين ۾ ويندو هو پر سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ٿيندڙ سگهڙن جي ڪچهرين ۾ به دعوت ملندي هئس ته اتي پهچي ويندو هو سندس خواهش هئي ته شاهه لطيف جي ميلي ۾ ٿيندڙ سگهڙن جي ڪچهريءَ ۾ سينگار پڙهايان پر اتي ٿيندڙ سگهڙن جي ڪچهري جو پنهنجو طريقيڪار آهي ان ڪري سليم سولنگيءَ کي ڪوٺ چيئي سگهيس پر هن دفعي سوچيم ته ڪيس ان پروگرام ۾ شريڪ ڪرايان پر موت ڪيس ايتري مهلت ڪونه ڏني ساڻس ان ملاقات بعد اسان جي اڪثر فون تي ڪچهري ٿيندي هئي پاڻ اڪثر سندس ڳوٺ اچڻ جي دعوت ڏيندو هو ۽ چوندو هو ته اچو ته هاڻ اسان جي ڳوٺ ۾ سگهڙن جي ڪچهري ڪرايون ٿا ڏينهن اڳ، يعني پهرين جولاءِ 2026ع تي هڪ دوست چاچو الھ ڏنو جانوريءَ جي لاڏاڻي جي خبر ڏني پهرين ته اعتبار نه آيو سندس لاڏاڻي جو ٻڌي وڏو صدمو پهتو سندس لاڏاڻي تي ان علائقي ۾ ٿيندڙ سگهڙن جي ڪچهرين ۾ هڪ خال پيدا ٿي ويو چاچو الھ ڏنو جانوري جهڙا محبتي محنتي مهمان نواز شخصيتون وري پيدا ڪونه ٿينديون الھ ڏنو جانوريءَ کي سندس ڳوٺ کان ويجهو ڪلو ميٽر پري درگاهه غلام حيدر غازي جي مزار واري قبرستان ۾ ترتي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس لاڏاڻي تي ۽ سندس سوڳوار پٽن محمد آچر انصاف، پنهل مبارڪ يار محمد سميت سوڳوار خاندان سان ڏک ۽ تعزيت جو اظهار ڪريون ٿا.

وچولو طبقو اسان جي تقدير بدلائي سگهي ٿو


محمود شام

اڄڪلهه دنيا غير معمولي حالتن مان گذري رهي آهي ۽ اهڙين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ غير معمولي سمجهه، ڏاهپ ۽ دور انديشي جي ضرورت آهي پر ٿورن حڪمرانن کانسواءِ گهڻا حڪمران پنهنجن ملڪن کي مضبوط پاليسين بدران عارضي سهارن ۽ ٻيساکين جي آڌار تي هلائي رهيا آهن ان جي ابتڙ پاڪستان جي وچولي طبقي وارن خاندانن وٽ اڄ به سمجهه، شعور ۽ مستقبل بابت سوچڻ جي صلاحيت موجود آهي هن ملڪ وٽ قدرتي معدني وسيلا به آهن ۽ محنتي انساني قوت به. تنهن ڪري جيڪڏهن سٺي رٿابندي ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪيو وڃي ته موجوده بحرانن تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو سوشل ميڊيا، جهڙوڪ: ايڪس، فيس بُڪ ۽ انسٽاگرام، هاڻي حالتن تي ايترو ته اثرانداز ٿي ويا آهن جو سوچيل سمجهيل حڪمت عملي پٺتي رهجي وئي آهي هاڻي جيڪا ڳالهه ڪنهن جي واتان نڪري ٿي، اها پل پل ۾ هر هنڌ ڦهلجي وڃي ٿي جڏهن دنيا جي سڀ کان وڏي فوجي، سياسي ۽ معاشي طاقت جو چونڊيل سربراهه ئي آئين، پارليامينٽ، سينيٽ يا پنهنجي ڪابينا جي پرواهه نه ڪندو ۽ جيئرن جاڳندن ماڻهن ۽ آباد شهرن جي تباهيءَ تي به ڪيس ڪو احساس نه هوندو، ته پوءِ ايشيا ۽ آفريڪا جي ننڍين رياستن جي غيرچونڊيل يا مڙهيل حڪمرانن کان اها اميد ڪيئن رکي سگهجي ٿي ته اهي پنهنجي عوام جي غربت، بک ۽ جيئڻ جي مسئلن جي ڪا ڳڻتي ڪندا؟

هاڻي نه ڪو ڊڪشنري ڏسڻ جي تڪليف ڪري ٿو، نه وري تاريخ مان سبق وٺڻ لاءِ تيار آهي نه روسو، نه ٽالٽن بي ۽ نه ئي ابن خلدون جهڙن وڏن مفڪرن جي ڳالهه ٻڌڻ وارو ڪو رهيو آهي. چوڻ نه هر ماڻهو پاڻ کي انهن کان گهٽ نٿو سمجهي پوءِ اهڙي حالت ۾ ماڻهو تاريخ جي درياءَ مان جهاتي پائي سبق وٺڻ جي ضرورت ئي ڇو محسوس ڪندو؟ انهن سڀني مايوسين زوال ۽ تباهيءَ جي منظرن جي وچ ۾ بيٺل هوندي به خبر ناهي ڇو اڄ صبح کان منهنجي دل اميد سان ڀرجي وئي آهي هوا به جڻ سٺن ڏينهن جي خوشخبري ڏئي رهي آهي صبح جو جهومندڙ وڻ ٽڙندڙ گل ۽ مسجدن جا مينار به جڻ اهوئي پيغام ڏئي رهيا آهن ته هاڻي حالتون بدلجڻ واريون آهن اهو احساس مون کي ان وقت وڌيڪ ٿئي ٿو جڏهن پنهنجي ملڪ جي سياحتي روي لاڳر جي اکين سان پاڪستان جا خسين علائقا ڏسان ٿو آزاد جموں ۽ ڪشمير، گلگت بلتستان، خيبر پختونخوا، ضم ٿيل قبائلي ضلعا، سنڌ جا ريگستان ۽ ٻيٽ، بلوچستان جا صدين پراڻا پهاڙ پنجاب جا ٻيلا ۽ تاريخي قلعا ڏسي محسوس ٿئي ٿو ته پاڪستان قدرتي وسيلن سان مالا مال ملڪ آهي انهن هنڌن بابت ڄاڻيل هروڀرو مضبوط شاهدين سان اهو يقين ڏياري ٿي ته جيڪڏهن سچي نيت ۽ صحيح رٿابندي سان ڪم ڪيو وڃي ته هيءَ ڌرتي وڏي خوشحالي آڻي سگهي ٿي. پر پوءِ منهنجو شڪي ذهن هڪ سوال ضرور اٿاري ٿو ته جڏهن اهي سڀ وسيلا ۽ نعمتون 1947ع کان موجود هيون، ته پوءِ انهن مان صحيح فائدو ڇو نه ورتو ويو؟ آخر اهي ڪير هئا، جن جي غلط پاليسين ۽ نااهلي سبب ماڻهن جون اميدون ئي ختم ٿي ويون ۽ اسان کي اهو يقين ئي نه رهيو ته هن ملڪ ۾ بهتري اچي سگهي ٿي؟

اڄ جو پاڪستان جيتوڻيڪ قائداعظم جي تصور ڪيل پاڪستان جهڙو نه رهيو آهي ۽ اوڀر پاڪستان به هاڻي ان جو حصو ناهي رهيو پر هن خطي جي اهميت تي پرڏيهي معاشي ماهرن ۽ مؤرخن جي نظر پاڪستان نهڻ کان به اڳ هئي اهي هتي موجود قدرتي ۽ معدني وسيلن کان چڱيءَ ريت واقف هئا. خاص طور آسٽريليا جا ڪاڻ کوٽڻ وارا ماهر جلي جا معدنيات جا ڄاڻو ۽ ڪينيڊا جا سون ڳوليندڙ ماهر هن علائقي جي دولت کي سڃاڻيندا هئا. 1972ع ۾ هتن ڪلي عام جيو هو ته سنڌو درياهه جي ٻنهي ڪنارن تي پکڙيل هي علائقو جنهن کي 1947ع ۾ پاڪستان جو نالو ڏنو ويو معاشي لحاظ کان هڪ مضبوط ۽ قابل اعتماد ملڪ آهي، جنهن وٽ ترقي ۽ خوشحالي جا روشن امڪان موجود آهن پر بدقسمتيءَ سان اسان سول ۽ فوجي ادارن جي ڇڪتاڻ ۾ ئي ڦاسي وياسين جنهن سبب ملڪ جي ترقيءَ جو سفر سُست ٿي ويو جڏهن ته پاڪستان وٽ معدني وسيلا قدرتي نعمتون ۽ سڀ کان اهم محنتي ۽ قابل انساني وسيلو به موجود آهي هيءَ قدرتي صدين کان خوشحالي ۽ زرخيزيءَ جي علامت رهي آهي اسان جي خوشنصيبي اها به آهي ته هن ملڪ ۾ سمنڊ، ساموندي ڪنارا، بنجر جبل، سرسبز جابلو علائقا، برف سان ڍڪيل چوٽيون، حسين واديون، ميدان، زرخيز زمينون، ريگستان درياهه، نديون، چشما ۽ ٻيلا سڀ گڏ موجود آهن جيڪڏهن بلي شاهه، سلطان باهو، شاهه حسين، وارث شاهه، رحمان بابا، خوشحال خان خٽڪ، مست توڪلي، ميان محمد بخش، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ 20هين صديءَ جي ٻين وڏين شخصيتن جي لکڻين جو مطالعو ڪجي، ته خبر پوي ٿي ته بلوچ، براهوئي، پشتون، سرائيڪي، پنجابي، پوٺوهاري، سنڌي، ڪشميري ۽ بلتي قومون پنهنجي ڌرتيءَ سان بيحد محبت ڪنديون هيون اهي محنتي ماڻهو هئا، جيڪي زمين کي آباد ڪري مختلف قسمن جا فصل پوکيندا هئا ۽ پنهنجي علائقن جي خوشحاليءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا هئا. اهو به سوچڻ جهڙو سوال آهي ته انگريز هن ڌرتيءَ تي حڪومت ڪرڻ لاءِ ڇو آيو؟ هن هتي ايترو وڏو ڍانچو (انفراسٽرڪچر) ڇو تعمير ڪيو؟ ۽ پوءِ هتان جي دولت ۽ وسيلن مان ڪيترو ڪجهه ڪٺي لنڊن منتقل ڪيو؟ اڄ به آسٽريليا، نيوزيلينڊ، برطانيا، آمريڪا، ڪئنيڊا، فرانس ۽ اسپين جهڙا ملڪ پاڪستان جي انجنيئرن، ڊاڪٽرن، استادن ۽ محنت ڪش ماڻهن کي پنهنجي ملڪن ۾ ڪم ڪرڻ جا موقعا ڇو ڏين ٿا؟ ان جو سادو جواب اهو آهي ته پاڪستاني ماڻهو قابليت ۽ محنت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن

انٽرنيٽ به منهنجون اميدون وڌائي رهيو آهي مختلف انگن اکرن موجب پاڪستان وٽ ٽامي، سون، ليٿيم، ڪروميٽ سميت ڪيترين ئي قيمتي ڌاتن ۽ پٿرن جا وڏا ذخيرا موجود آهن جن جي امڪاني ماليت ڇهن کان اٺن ٽريلين ڊالرن تائين ٻڌائي وڃي ٿي ساڳي ريت زراعت جي شعبي ۾ سالياني لڳ ڀڳ 125 ارب ڊالرن جي معاشي گنجائش موجود آهي جڏهن ته رڳو ميون جي برآمد مان به 15 ارب ڊالرن تائين آمدني حاصل ڪرڻ جا امڪان ظاهر ڪيا وڃن ٿا. جيڪڏهن جوپائي مال واري شعبي تي سنجيدگيءَ سان ڌيان ڏنو وڃي ته پاڪستان هر سال لڳ ڀڳ 20 ارب ڊالر ڪمائي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح ملڪ ۾ موجود تاريخي، سياحتي ۽ مذهبي ماڳن کي بهتر نموني ترقي ڏني وڃي ته انهن مان سالياني 30 کان 40 ارب ڊالرن تائين آمدني حاصل ڪري سگهجي ٿي انفارميشن ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ به هر سال 10 کان 18 ارب ڊالرن تائين ڪمائڻ جا امڪان موجود آهن جڏهن ته صنعتي شين جي برآمد مان به 60 کان 88 ارب ڊالرن تائين پرڏيهي نائو حاصل ٿي سگهي ٿو. پر افسوس اهو آهي ته ايتري صلاحيت ۽ وسيلن باوجود اسان هر پيريءَ آءِ ايم ايف جو در کڙڪايون ٿا، جيڪو ڏکين شرطن سان قرض ڏئي ٿو ۽ اهو قرض به گهڻو ڪري اڳين قرضن جي وياج جي ادائيگي ۾ ئي خرچ ٿي وڃي ٿو.

اسان جي نوجوانن ۾ ذهانت، صلاحيت ۽ اڳتي ڏسڻ جي سوچ جي ڪا کوٽ ناهي اڄ جي جديد ٽيڪنالاجيءَ جي دنيا تي نظر وجهجي ته پڙهيل لکيل هجن يا گهٽ پڙهيل ڪيترن ئي ماڻهن نئين ٽيڪنالاجي تي سٺو عبور حاصل ڪري ورتو آهي اصل مسئلو اهو آهي ته 1985ع کانپوءِ رياست ۽ حڪمرانن عوام جي مسئلن کان پري ٿي ويا. سندن چوڻ آهي ته حڪمران پاڻ کي عوام جو حصو سمجهڻ بدران جڻ شاهي خاندان بڻائي ويٺا آهن جن کي رڳو پنهنجي اولاد ۽ پنهنجي مفادن جي ڳڻتي آهي. تنهن هوندي به پاڪستان جو وچولو طبقو ۽ غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ ماڻهو انهن حالتن جو مقابلو ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجي همت سان اڳتي وڌي رهيا آهن هيءَ ڌرتي پنهنجن ماڻهن کي روشن خيالي، وسيع سوچ ۽ اڳتي وڌڻ جو حوصلو ڏئي ٿي صوفين جو پيغام به کين همٿ ۽ اميد بخشي ٿو انهيءَ ڪري اڄ به وڏا سائنسدان رياضي جا ماهر انفارميشن ٽيڪنالاجي جا ماهر شاعر ناول نگار ۽ نقاد گهڻو ڪري وچولي طبقي مان ئي اڀري رهيا آهن قدرت جڻ انهن شاهي خاندانن کان دور انديشي، بلند خيالي ۽ تخليقي صلاحيت کسي ورتي آهي موجوده علائقائي علمي ۽ ملڪي غير معمولي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ جيڪا ڏاهپ، بصيرت ۽ معاملن کي سمجهڻ جي صلاحيت گهربل آهي سا انهن حڪمرانن وٽ نظر نٿي اچي. تنهن ڪري مسئلا سلجهڻ بدران وڌيڪ الجهي پون ٿا. ٻئي پاسي سوشل ميڊيا ماڻهن کي جاڳائي به رهي آهي ۽ لوڏي به رهي آهي. جڏهن ته انٽرنيٽ دنيا جي بهترين ذهنن، نون خيالن ۽ ڪامياب ملڪن جا مثال اسان جي سامهون آڻي رهيو آهي انهيءَ ڪري پاڪستان جا وڏي لاڳر به اميدن جا نوان در کوليندي، پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي ملڪ جا حسين نظارا، تاريخي ماڳ ۽ قدرتي عجائبات دنيا آڏو پيش ڪري رهيا آهن جڏهن ڏورانهن علائقن جي نوجوانن بزرگن مائرن ۽ ڀينرن جي همت، اعتماد ۽ عزم سان ڀريل چهرا ڏسجن ٿا، تڏهن پنهنجي آبشارن، سرسبز وادين فصلن مال مويشي ۽ بلند جبلن تي فخر وڌيڪ وڌي وڃي ٿو اها ڳالهه به دل کي خوشي ڏئي ٿي ته اسان جون مائرون اهڙي نسل کي جنم ڏئي رهيون آهن جيڪي حالتن کان هار مڃڻ بدران انهن سان همت سان مقابلو ڪري رهي آهي اهڙا منظر ڏسي احمد نديم قاسمي جو هي شعر ياد اچي وڃي ٿو:

حالات سے پنجہ آزما ہو
حالات کو سازگار کر لے

ڌارين جي نيڪاليءَ واري اعلان کي عملي جامو پهرايو!


اعجاز منگي

تازو وفاقي حڪومت ملڪ ۾ رهندڙ غيرقانوني پرڏيهين کي واپس موڪلڻ لاءِ پاڪستان جي گهرو وزارت حڪم ڏنو آهي ته پاڪستان ۾ غير قانوني طور رهندڙ افغان شهرين کي فوري طور تي گرفتار ڪري ڊي پورٽ ڪيو وڃي ۽ 10 جولاءِ کانپوءِ ڪو به غيرقانوني افغان پاڪستان ۾ نظر نه اچڻ گهرجي سرڪار جو اهو اعلان ڪو پهريون پيرو نه ٿيو آهي هر حڪومت وقتي وقتي سان اهڙا اعلان ڪندي رهي آهي ۽ ٻه چار ڏينهن آپريشن ڪري وري خاموشي اختيار ڪئي ويندي آهي جنهن مان فائدو وٺندي غيرقانوني رهندڙ ڌاريا پنهنجا شناختي ڪارڊ ۽ ڊوميسائيل ٺهرائي پنهنجون ملڪيتون وٺي ويهي رهن ٿا ۽ ائين محسوس ٿئي ٿو ته هتان جا مقامي ماڻهو ڌاريا آهن جڏهن ته ڌاريا هتان جا اصل رهاڪو لڳن ٿا. افسوس اهو سرڪار کي ڌارين جي انگن اکرن جي مڪمل خبر ناهي ته ڪيترا غيرقانوني پرڏيهي ملڪ ۾ رهن ٿا؟ هن پيريءَ به ڌارين جي بيدخلي بابت ڪا واضح پاليسي مرتب نه ڪئي ويئي آهي ته صرف افغانين کي ملڪ مان ڪڍڻو آهي يا سمورن غيرقانوني پرڏيهين کي ملڪ مان نيڪالي ڏيڻي آهي يعني جن وٽ ڪو به سفري دستاويز ناهي انهن کي ملڪ ۾ رهڻ جو جواز ناهي يا سمورن ڌارين کي ملڪ بدر ڪرڻو آهي جيڪڏهن اهو واضح نه ڪيو ويندو ته پوليس ۽ ٻيا فورسز ماضيءَ وانگر هر افغانيءَ کي گرفتار ڪري پنج روپيه وٺي آزاد ڪندا رهندا هن پيريءَ به سرڪار جي اعلانن تي عمل ٿيندو يا غير ملڪين کي سهولتون فراهم ڪندڙن خلاف قانون مطابق ڪارروائي ڪئي ويندي؟ هن وقت تائين نه پرڏيهين جا غيرقانوني سڃاڻپ ڪارڊ ٺاهيندڙن خلاف به ڪا ڪارروائي نه ٿي سگهي آهي جنهن جي نتيجي ۾ اهي منظم طريقي سان پنهنجو نيٽ ورڪ وڌائي رهيا آهن هن وقت ڪراچي حيدرآباد جي پسگردائي وارا علائقا، سکر ۽ ٻيا اتر سنڌ جا شهر، باءِ پاس سان لڳندڙ ڪجهه مخصوص پٽين ۾ اهي ماڻهو ٽرانسپورٽ، هوٽلنگ، اسڪريپ ۽ هيوي مشينري جيڪا روڊن ۽ رستن جي تعمير ۾ استعمال ٿئي ٿي ان جو ڪاروبار ڪن ٿا. ائين ڪجهه ڏينهن ڪم ڪرڻ بعد اتي ئي رهي پون ٿا ۽ مقامي ماڻهن جي معرفت ۽ سرپرستيءَ ۾ هتان جا رهاڪو ٿي منشيات ۽ هٿيارن جي اسمگلنگ جهڙا ڏوهه ۽ دهشتگردي ڪرڻ لڳن ٿا. گذريل ڏينهن ڪراچيءَ جي گلستان جوهر ۾ قائم سنڌ رينجرز (پٺاڻي ونگ) جي هيڊڪوارٽر تي حملو ٿيو، جنهن ۾ هڪ بارود سان ڀريل گاڏي ڪئمپ سان ٽڪرائي تباهه ڪيو ۽ اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ان بعد فورسز ۽ حملي آورن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي جنهن جي نتيجي ۾ رينجرز جا ڪجهه جوان به شهيد ٿيا ته جوابي ڪارروائي ۾ 3 حملو ڪندڙ مارجي ويا ۽ هڪ دهشتگرد کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. زخمي دهشتگرد کان پڇا ڳاڇا جي نتيجي ۾ ان جي نيٽ ورڪ جا مقامي ڪنيڪشن به ڳوليا ويا آهن حملي جي ذميواري تحريڪ طالبان پاڪستان جي ڌڙي 'جماعت الاحرار' قبولي آهي حملي کانپوءِ انٽيليجنس ۽ سيڪيورٽي ادارن ڪراچي سوڌو سڄي سنڌ ۾ ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو آهي ڪراچي شهر اندر راتو رات سرچ آپريشن شروع ڪيا ويا ۽ چند ڪلاڪن اندر گلستان جوهر، سهراب ڳوٺ، ال آصف اسڪوائر، سچيڏنو ڳوٺ ۽ ٻين علائقن ۾ سرچ آپريشن ڪري ڪيترن ئي مشڪوڪ ماڻهن کي گرفتار به ڪيو ويو آهي پر اهو آپريشن رڳو واردات واري شهر ۾ ڇو ٿو ٿئي؟ بهتر ائين ٿيندو ته سنڌ سميت پوري ملڪ مان افغانين جي خلاف ڀرپور ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ملڪ مان نيڪالي ڏني وڃي لا اينڊ فورسز ادارا تحرڪ وٺن ۽ رينجرز اهلڪارن کي شهيد ڪندڙ دهشتگردن جو پلانڊ ورتو وڃي جيڪو به افغانين کي پناهه ڏئي ٿو يا ڪرائي تي جڳهيون ڏئي ٿو انهن خلاف سخت کان سخت ڪارروائي ڪري ڪيس داخل ڪري کين جيل پهچايو وڃي ان ۾ پنجاب حڪومت غيرقانوني طور ترسيل ماڻهن خلاف هميشه ٻنا رعايت جي قدم کنيا آهن جنهن ڪري پنجاب ۾ امن و امان جي فضا بهتر آهي هن وقت به سڄي پنجاب مان غير قانوني طور رهندڙ غير ملڪي شهرين جي نيڪاليءَ جو عمل جاري آهي آءِ جي پنجاب راءِ عبدالڪريم موجب اها تائين 35 هزار 719 افغانين سميت غير قانوني طور رهندڙ غير ملڪي شهرين کي ڊي پورٽ ڪيو ويو آهي جڏهن ته 72 غير قانوني طور رهندڙ ماڻهو هن وقت هولڊنگ پوائنٽس تي موجود آهن ڊي پورٽ ٿيندڙن ۾ 14 هزار کان وڌيڪ مرد، 7 هزار 138 عورتون ۽ 14 هزار 529 ٻار شامل آهن جڏهن ته ڊي پورٽ ٿيندڙن ۾ رهائشي ثبوت رکندڙ 11 هزار 47 شهري به شامل آهن آءِ جي پنجاب جو چوڻ آهي ته سڄي صوبي ۾ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ آهي ۽ سڀني غيرقانوني طور رهندڙ ماڻهن جي نيڪالي يقيني بڻائي پئي وڃي ڪنهن به غير قانوني طور رهندڙ شهريءَ سان هاڻي ڪا رعايت نه ڪئي ويندي جڏهن ته سنڌ ۾ غيرقانوني طور رهندڙ ماڻهن خلاف سنڌ سرڪار پاران هميشه نرمي نظر آئي آهي اڪثر سنڌ پوليس ڏيتي ليتي عيوض ڌارين افغانين کي ڪارروائي ڪرڻ بجاءِ بچائيندي رهي آهي جنهنڪري هيءَ ڌرتي جيڪا امن جي ڌرتي سڏبي هئي سا رت سان ريج ٿي رهي آهي سهراب ڳوٺ ڌارين ڏوهارين جي آماجگاهه بڻيل آهي جتي اسان جي فورسز جا جوان به وڃڻ کان لنوائين ٿا. ائين ڪوٽڙي سائيٽ واري علائقي واري بستي ۾ غيرقانوني طور ڪيترائي افغاني رهن ٿا، جن جي سرپرستي به مقامي ماڻهو ۽ انتظاميه ڪري ٿي ان سان گڏ ٽنڊوالهيار ۾ غير ملڪي افغانين جو سهولتڪار موجود آهي جيڪو هر ايندڙ ويندڙ افغانين کي پئسن عيوض ٽنڊوالهيار ۾ سهولتون فراهم ڪري ڏئي ٿو هن وقت تائين هي هزارين افغانين کي ٽنڊوالهيار ۾ آباد ڪري چڪو آهي جنهن ۾ سوين گهر حيدرآباد روڊ تي پٺاڻ ڪالونيءَ ۾ آباد ڪيا آهن ڪيترائي گهر پراڻي سبزي منڊي تصريور روڊ تي آباد ڪيا آهن غلام جيلاني پٺاڻ ۽ جمع گل پٺاڻ باقاعدي ٽنڊوالهيار ۾ افغانين جو جار وڇايو آهي جنهن ۾ عثمان شاهه هڙي، چمبڙ جهنڊو مري، سنجر چانگ، بکيرا شريف، ڪولاچي اسٽاپ، ڪراچي هوٽل سميت ٻين مختلف جاين تي رهائش ۽ ڪاروبار ڪرائي ڏنا اٿن سندن سرپرستي ڪندڙ برٿ سرٽيفڪيٽ کان وٺندي اسڪولي سرٽيفڪيٽ ۽ شناختي ڪارڊ به نادرا ۾ جاري ڪرائي ڏيندو آهي يوسين جي سيڪريٽرين کان وٺندي نادرا عملو ڌارين کي شناختي ڪارڊ جاري ڪري ڏيڻ ۾ ملوث آهن ائين سنڌ جي هر شهر ۾ غيرقانوني طور ڌارين جو مضبوط نيٽ ورڪ آهي جنهن خلاف سخت ڪريڪ ڊائون ٿيڻ گهرجي

گذريل ڏينهن پشاور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس وقار احمد ۽ جسٽس انعام الله خان تي مشتمل بينچ درخواستن جي ٻڌڻي ڪئي درخواست گذارن موجب افغانستان ۾ کين اڳوڻي پيشي سياسي وابستگي يا صنفي بنيادن تي جانين کي خطرو هو جنهن سبب اهي پاڪستان منتقل ٿيا اڪثر درخواست گذار يو اين ايڇ سي آر سان پناهگير طور رجسٽرڊ آهن بين الاقوامي قانون موجب ڪنهن به اهڙي شخص کي ان ملڪ واپس موڪلڻ کان روڪي ٿو جتي سندس جان يا آزاديءَ کي خطرو هجي ڪيترائي درخواست گذار ٻاهرين ملڪ منتقليءَ جي مختلف مرحلن جن ۾ انٽرويوز ۽ سيڪيورٽي ڪليئرنس مڪمل ڪري چڪا آهن جڏهن ته ڪيترن ماڻهن کي ٻين ملڪن ۾ آبادڪاري جي سفارش به ڪئي وئي آهي تازو هڪ ڀيرو ٻيهر وفاقي حڪومت پاران گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير سوڌو چئني صوبن جي چيف سيڪريٽرين کي نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي ته غير قانوني افغانين کي ڪڍيو وڃي سنڌ حڪومت کي ان معاملي ۾ وڌيڪ سنجيدگيءَ جي ضرورت آهي گهرو وزارت کي پنهنجي ضلعي ۽ تعلقي انتظاميه جي مدد سان ٽاسڪ فورس قائم ڪري سڄي سنڌ ۾ مڪمل ميپنگ ڪري، جعلي دستاويزن جي چڪاس جٽ ڪرڻ گهرجي ته جيئن هر غير قانوني طور رهيل شخص کي نيڪالي ڏني وڃي هيءَ موقعو آهي ته پوري ملڪ سميت سموري سنڌ ۾ غيرقانوني رهندڙ ماڻهن کي بنا مصلحت جي نيڪالي ڏني وڃي ته جيئن سنڌ ۾ دهشتگرديءَ جا ٻيهر واقعا پيش اچي نه سگهن ۽ امن و امان جي صورتحال بهتر ٿي سگهي ۽ هر شهري پرسڪون زندگي گذاري سگهي

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)


ايل پي جي گيس جي اگهه ۾ ڪيل لاٽ جو عوام کي فائدو ڪڏهن ملندو؟

ملڪي تاريخ جي سڀ کان مهانگي ايل پي جي گيس خريد ڪرڻ عوام لاءِ وڏو عذاب بڻجي ويو آهي. ايل پي جي گيس مافيا کي ضابطي ۾ آڻڻ وارا ادارا به سندن اڳيان لاچار نظر اچي رهيا آهن ۽ ڪنهن ۾ به اها همت نظر نٿي اچي ته ايل پي جي گيس مافيا خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪري سگهي. رڪشا ڊرائيور ايتري مهانگي ايل پي جي گيس خريد ڪرڻ سبب هزارين رپين جا قرضي بڻجي ويا آهن. ٻن ويلن جي ماني نه پري جي ڳالهه هاڻي رڪشو هلائڻ به ڏکيو ٿي ويو آهي. ڪراچي ۽ حيدرآباد سميت ملڪ جي ڪنهن به حصي ۾ اوگرا طرفان مقرر ڪيل اگهه تي ايل پي جي گيس موجود ناهي. عوام جو چوڻ آهي ته اوگرا ۽ ايل پي جي گيس مافيا جي گٺ جوڙ سبب سستي ايل پي جي گيس رڳو اعلانن تائين محدود ٿي وئي آهي. اوگرا جولاءِ مهيني لاءِ ايل پي جي گيس جي قيمت ۾ 68 رپيا گهٽتائي ڪئي آهي ۽ نئون اگهه 241 رپيا 43 پئسا في ڪلو مقرر ڪيو ويو آهي. پر ڪراچي ۽ حيدرآباد سميت ملڪ جي ڪنهن به شهر ڳوٺ، وسندي يا ننڍڙي علائقي ۾ انهيءَ اگهه تي ايل پي جي گيس دستياب ناهي. ان جي ابتڙ ايل پي جي گيس مافيا ۽ دڪاندار پنهنجي مرضيءَ موجب اگهه مقرر ڪري رهيا آهن. دڪاندارن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن پلانٽن تان ئي کين گيس 420 کان 450 رپيا في ڪلو ملي ٿي ته پوءِ هو 241 رپين ۾ ڪيئن وڪرو ڪري سگهن ٿا؟ عوام سان ٿيندڙ هن کليل ڦرلٽ تي پيٽروليم واري وفاقي وزير سميت لاڳاپيل ڌرين پاران ڪو به نوٽيس ناهي ورتو ويو ۽ نه ڪا ڪارروائي ڪئي آهي غريب ماڻهن جو چوڻ آهي ته هاڻي اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو آهي ته گاڏي هلائجي يا گهروارن لاءِ ٻن ويلن جي مانيءَ جو بندوبست ڪجي. مالي حالتون ايترو خراب ٿي ويون آهن جو گهر جا خرچ پورا ڪرڻ سندن وس کان ٻاهر ٿي ويو آهي.

محمد هاشم ملاح / حيدرآباد

اڄوڪو ڏينهن ---- 03 جولاءِ

مرزا قليچ بيگ



هن دنيا ۾ ڪي اهڙيون شخصيتون جنم وٺنديون آهن جيڪي پنهنجي خداداد صلاحيتن، قابليت ۽ محنت سبب هميشه هميشه لاءِ پنهنجو نالو تاريخ جي صفحن تي محفوظ ڪري ڇڏينديون آهن ۽ کين موت ڪڏهن به ماري نه سگهندو آهي اهڙين ئي شخصيتن مان سنڌي ادب جو سرتاج مرزا قليچ بيگ به هڪ هو جنهن پنهنجي سموري ڄمار سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي خدمت ۾ گذاري ڇڏي. اڄ سندس ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن املهه انسان ۽ برک اديب جو جنم آڪٽوبر 1953ع ۾ ٽنڊي ٺوڙهي حيدرآباد ۾ ٿيو ابتدائي تعليم آخوند شفيع محمد جي مڪتب مان حاصل ڪيائين 1872ع ۾ حيدرآباد مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ايلفنسٽن ڪاليج بمبئيءَ ۾ داخلا ورتائين حيدرآباد واپس اچڻ کانپوءِ جوڊيشنل امتحان پاس ڪري مختيارڪار مقرر ٿيو ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏنائين اڳتي هلي ترقي ڪري ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو ۽ انهيءَ عهدي تي 1909ع تائين فائز رهيو مرزا صاحب سنڌي، عربي، فارسي ترڪي ۽ انگريزي ٻولين جو وڏو ڄاڻو هو تمام اورچ ۽ محنتي ماڻهو هو هو هڪ گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ هو ڪيس "سنڌي نثر جو ابو" چئجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو هو سنڌي ادب جي باني ڊراما نگارن، افسانا نگارن ۽ مضمون نگارن مان هو نثر سان گڏ شاعريءَ ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هو سندس لکيل ڪتابن جو تعداد 4 سئو 80 کان به وڌيڪ هو مرزا صاحب جي علمي قابليت ۽ لاثاني ادبي خدمتن کي مڃتا ڏيندي سرڪار ڪيس "قيصر هند"، "خانبهادر" ۽ "شمس العلماء" جي خطابن سان نوازيو سنڌ جي هن عظيم انسان 3 جولاءِ 1929ع تي هن فاني دنيا مان ڪوچ ڪيو

سورج" (ڊاڪيومينٽريز) ۽ "آئون، آواز ۽ ريڊيو" شامل آهن ادبي دنيا جي هن روشن ستاري کي سندس جنم ڏينهن جون واڌايون پيش ڪجن ٿيون

ميان لال بخش پيارو

هن فقيرمنش انسان جو جنم 3 جولاءِ 1941ع تي شڪارپور ۾ ٿيو هن گريجوئيشن تائين تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي هن ابتدائي ملازمت جيڪب آباد جي بينڪن جي مختلف شاخن اندر ڪئي ان بعد فوج ۾ ڀرتي ٿيو پر ڪجهه عرصي کان پوءِ فوج ڇڏي ڪورٽ ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو اڳتي هلي ترقي ڪري پهريائين هيڊ ڪلارڪ ۽ پوءِ سرشتيدار مقرر ٿيو سندس نوڪريءَ جو گهڻو حصو روهڙيءَ جي ڪورٽن ۾ ڪم ڪندي گذريو ذاتي زندگيءَ ۾ هڪ فقير منش انسان هو ڪيس راڳ ۽ موسيقيءَ سان ننڍي هوندي ئي دلچسپي هئي اسڪول پاران منعقد ٿيندڙ موسيقيءَ جي پروگرامن ۾ شوق سان حصو وٺندو هو صوفي ڪلام شوق سان ڳائيندو هو ۽ دهل به وڄائيندو هو بزرگن جي مزارن تي حاضري ڀريندو هو، خاص طور تي روهڙيءَ ۾ صوفي بزرگ قادر بخش بيدل جي درگاهه جو وڏو معتقد هو ۽ اتي صوفي ڪلام ڳائيندو هو سندس آواز ۾ عجيب قسم جي ڪشش هوندي هئي ۽ ڪيترائي ماڻهو سندس راڳ ٻڌڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيندا هئا هن 18 ڊسمبر 1981ع تي وفات ڪئي


اٽب شيخ

سنڌ جي هن ڪافي گو شاعر 3 جولاءِ 1945ع تي ڳوٺ پنيري جي واڙ ۾ اکيون کوليون اهو ڳوٺ ئي هو سندس والدين لڏي ڳوٺ ڪاهي ضلعي شڪارپور ۾ وڃي آباد ٿيا، ان ڪري اٽب شيخ جي حياتيءَ جو گهڻو حصو انهيءَ ئي ڳوٺ ۾ گذريو غربت سبب ڪا خاص تعليم حاصل نه ڪري سگهيو فقط ناظره قرآن شريف پڙهي سگهيو ڪچڙي جوانيءَ ۾ عشق جي چوٽ لڳس جنهن ڪيس شاعر بڻائي ڇڏيو هو پنهنجي دور جو هڪ سٺو ڪافي گو شاعر هو شاعريءَ ۾ استاد ميٺهل فقير سندس استاد هو سندس ڪلام ۾ عشق، درد ۽ فراق جا جذبا شامل آهن هن 5 جون 1980ع تي هيءَ جهان ڇڏيو



شبير ناز چنا

اڄ مشهور اديب شبير ناز چنا جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن تليواري انسان جو جنم 20 جون 1936ع ۾ شڪارپور ۾ ٿيو پنهنجي شهر شڪارپور مان تعليم حاصل ڪري ٻيلي کاتي ۾ فاريسٽ آفيسر مقرر ٿيو اڳتي هلي پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن ۾ پروڊيوسر مقرر ٿيو ۽ انهيءَ ئي عهدي تان رٽائر ڪيائين هو هڪ بهترين افسانا نگار، ناٽڪ نويس ۽ مضمون نگار هو سندس لکڻيون ان وقت جي ساک وارن رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيون هن جي مشهور



امين ارباب

اڄ مشهور صحافي ڪمپيئر ۽ نيوز ڪاسٽر امين ارباب پنهنجي سالگرهه ملهائي رهيو آهي سندس جنم 3 جولاءِ 1965ع تي تعلقي ماتلي ضلعي بدين جي ڳوٺ علي محمد نهڙيءَ ۾ ٿيو هن سماجيات ۽ صوفي ازم جي شعبن ۾ ماسٽر آف آرٽس جون سندون حاصل ڪيون ان سان گڏ ايل ايل بي جي به سند حاصل ڪيائين هن مختلف شعبن ۾ نوڪريون ڪيون، جن ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام ۾ ايڊهاڪ ليڪچرار اسلام آباد سيٽيٽ ۾ ايڊيٽر آف ڊبيٽ، لائيف اسٽاڪ ۽ فشريز کاتي ۾ او ايس ڊي، سوئي سدرن گئس ۾ ڊپٽي مئنيجر ۽ ٻيون نوڪريون شامل آهن امين ارباب ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو مشهور ڪمپيئر رهيو آهي حيدرآباد جي هڪ نجي ٽيليويزن چينل تي نيوزڪاسٽر ۽ ڊاڪيومينٽريز جي ڊائريڪٽر طور پڻ ڪم ڪري چڪو آهي ادبي ۽ صحافتي دنيا ۾ به پنهنجي خاص سڃاڻپ رکي ٿو هو "روزاني عبرت حيدرآباد" جو نيوز ايڊيٽر ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر به رهي چڪو آهي سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "ڌرتي منهنجي سرتي" (شاعري)، "ڪرڪليو ئي رهيو" (ربيائي افسانا)، "لڙيو پٽي لاڙ تان



مختيار انڙ



ناٽڪن ۾ درياءَ خان (1965)، ستا سيج پلنگ (1967ع)، ٽلين ديپ جلايا (1973)، ويٺي رات وهامي (1973)، درخواست (1973)، راز (1974) ۽ رمندا ٻادل (1974) شامل آهن هن 3 جولاءِ 2007ع تي هن فاني دنيا کي الوداع چيو

ڊاڪٽر محمد لائق زرداري



اڄ مشهور محقق ۽ اديب ڊاڪٽر محمد لائق زرداريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن تليواري تحقيقدان جو جنم 23 آگسٽ 1943ع تي تعلقي موري ضلعي نوشهروفيروز جي ڳوٺ محمد موسيٰ زرداريءَ ۾ ٿيو مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان موري مان پاس ڪيائين اڳتي هلي ايم اي ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ آرٽ ٽيچر طور ڪئي ان بعد تعليم کاتي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو پاڻ مهراڻ ڪاليج موري جو پرنسپال پڻ رهيو ان بعد يونيسڪو ڪميشن اسلام آباد ۾ ڊپٽي سيڪريٽري مقرر ٿيو عمر جي آخري حصي ۾ بلاول انسٽيٽيوٽ فار هسٽري اينڊ ريسرچ نواب شاهه ۾ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيائين ڊاڪٽر زرداري سنڌي ادبي سنگت، سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي موري، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ۽ ٻين تنظيمن جو ميمبر رهيو هن ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيا، جن ۾ "سنڌ جي سياسي جدوجهد"، "تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو"، "وليءِ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙو"، "غدار سنڌ"، "مجذوب حافظ علي زرداري"، "لنڊن کان لنڊن تائين"، "تاريخ ضلعو نواب شاهه" ۽ "History of Sindh" شامل آهن هن 3 جولاءِ 2017ع تي وفات ڪئي

جان محمد جانباز جوکيو



اڄ ڪوهستان جي مشهور شاعر ۽ تعليمي ماهر جان محمد جانباز جوکيو جي وفات جو ڏينهن آهي اسڪول رڪارڊ مطابق هن پلي ماڻهوءَ جو جنم 9 مارچ 1940ع تي ٺٽي ضلعي جي ريلوي اسٽيشن جنگشاهيءَ ويجهو ڳوٺ مالماڙيءَ ۾ ٿيو سندس والد جو نالو مير محمد جوکيو هو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ان بعد ٺٽي مان سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري پرائمري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو نوڪريءَ دوران پڙهائي جاري رکيائين. 1967ع ۾ اديب فاضل ۽ اديب عالم جو امتحان، 1974ع ۾ مئٽرڪ ۽ 1978ع ۾ انٽر جو امتحان پاس ڪيائين 31 ڊسمبر 1985ع تي وقت کان پهرين رٽائرمينٽ ورتائين نوڪريءَ دوران هن ڪي مشهور شاعرن محمد خان مجيدي ۽ قاسم پٿر جي صحبت ملي، جنهن هن کي شاعر بڻائي ڇڏيو مخدوم طالب المولي جي شخصيت ۽ شاعريءَ کان گهڻو متاثر هو ان ڪري شروع ۾ پاڻ کي عاشق المولي ۽ عاشق سروري سڏائيندو هو پر بعد ۾ "جانباز" تخلص سان شاعري ڪيائين هن جي شاعريءَ ۾ غزل، نظم، حمد، نعتون، منقبتون، مناجاتون، وايون ۽ ڪافيون شامل آهن. سندس ڪتابن ۾ "ديوان جانباز"، "آچيندي لڄ مران" ۽ "ويا سي وينجهار" شامل آهن. هو 3 جولاءِ 2003ع تي وڃي خالق حقيقيءَ سان مليو.

حڪيم غلام محمد عرشي



غلام محمد عرشي پنهنجي دور جو مشهور حڪيم ۽ ليکڪ هو. سندس اصل نالو غلام محمد ولد ڏاتر ڏنو سومرو هو ۽ عرشي سندس تخلص هو. هو 1904ع ڌاري تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهروفيروز جي ڳوٺ تگر پراڻا ۾ ڄائو هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ ان کان پوءِ فارسيءَ ۽ اردوءَ جي تعليم خانگي طور حاصل ڪيائين. فارسي ٻوليءَ تي خاص عبور حاصل هئس. ان کان علاوه هن حڪمت جي تعليم پڻ حاصل ڪئي. هن ڳوٺ ۾ پنهنجو شفاخانو کوليو جتي مريضن جو علاج ڪندو هو. سندس طبي نسخا ۽ بادامن جو شربت سڄي سنڌ ۾ مشهور هئا. هو هڪ وڏو شاعر، ترجمي نگار ۽ نثر نويس پڻ هو. هن 17 ڪتاب لکيا، جن جا نالا نصير اعجاز جي ترتيب ڏنل ڪتاب "ڀهراور ڪان پريا - تاريخ جو سفر" ۾ ڏنل آهن. هن 3 جولاءِ 2003ع تي هن فاني جهان مان موڪلايو.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي



اڄوڪو ڏينهن سنڌي ٻوليءَ جي مهان ليکڪ ڊاڪٽر مرليڌر ڪشنچند جيٽلي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. سنڌي ٻوليءَ جي هن سدا ملوڪ ساهتڪار جو 1930ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم حيدرآباد جي نو وديالا اسڪول (هاٿوڪي ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس) مان حاصل ڪئي ان بعد ساڌو نيول راءِ هيرانند اسڪول ۾ پڙهيو. ورهاڱي کان پوءِ پهريائين جوڌپور ۽ پوءِ پوني ۾ وڃي رهائش اختيار ڪيائين. هن بي اي (سنسڪرت ۽ هندي)، ايم اي (هندي سنسڪرت)، ايم اي (لغت) ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون پوني يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون. 1960ع کان 1964ع تائين هن ڊيڪن ڪاليج پوني ۾ ريسرچ فيلو طور ڪم ڪيو. 1964ع کان 1966ع تائين آر ڪي تلريجا ڪاليج الهاس نگر ۾ ليڪچرار طور ڪم ڪيائين. 1966ع ۾ دهلي يونيورسٽيءَ سان لاڳاپجي ويو جتان 1996ع ۾ پروفيسر طور رٽائر ٿيو. هن ساهتيه اڪيڊمي نئين دهليءَ ۾ ريڊر ۽ ايڇ آر ڊي منسٽريءَ ۾ سنڌي ايڊوائيزري بورڊ جي ميمبر طور به ڪم ڪيو. هن سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ گرامر، لوڪ ادب ۽ ٻين موضوعن تي ويهن کان وڌيڪ ڪتاب لکيا. هو ڪجهه وقت هفتيوار رسالي هندواسيءَ جو سب ايڊيٽر پڻ رهيو. هن سرت پرڻي ساهتڪار 03 جولاءِ 2023ع تي هيءَ جهان ڇڏيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عام اطلاع

لاتعلقي جو اظهار

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY

پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي

ENGAGEMENT OF VISITING MEDICAL CONSULTANTS / DOCTORS

The Pakistan Airports Authority (PAA) invites applications from qualified and experienced medical professionals for engagement as Visiting Medical Consultants (Full-Time & Part-Time) and Flight Surgeon at various airports and operational locations across Pakistan, particularly in remote areas.

SCOPE OF SERVICES

Selected candidates will be responsible for provision of medical services, including but not limited to:

- **Operational Medical Services:** Provision of first aid to passengers and emergency medical response during aircraft-related incidents.
- **Regulatory Functions:** Conducting random alcohol testing and assisting in investigations related to aviation incidents/accidents at apron and Passenger Terminal Building (PTB).
- **Employee Medical Services:** Providing medical care to PAA employees as per applicable service regulations.

POSITIONS & ELIGIBILITY CRITERIA

A. FULL-TIME VISITING CONSULTANTS

Locations:
BNB Sukkur Airport, Nawabshah Airport, Gilgit Airport, Skardu Airport, Gwadar Airport, Muridke Aerodrome.

Eligibility Criteria:

- MBBS (minimum 2nd Division) from HEC recognized university
- Valid registration with PMDC
- Minimum 05 years' post-house job experience in reputable hospitals (preferably tertiary care/teaching institutions) in Emergency Care / Medicine / Cardiac Care
- Availability to serve at Medical Inspection (M.I.) Room on daily basis or as required

Working Hours:
08 hours per day, keeping in view the flight schedule of relevant Airport(s) and as required by Airport Manager.

B. PART-TIME VISITING CONSULTANTS

Locations:
Turbat Airport, Panjgur Airport, Rahim Yar Khan Airport, D.I. Khan Airport, Saidu Sharif Airport, Moenjodaro Airport, Zhob Airport, D.G. Khan Airport, Bahawalpur Airport, Chitral Airport, Dalbandin Airport.

Eligibility Criteria:

- MBBS (minimum 2nd Division) from HEC recognized university
- Valid PMDC registration
- Minimum 02 years' post-house job experience in relevant medical fields
- Availability as per flight schedules and operational requirements

Working Hours:
04 hours as per flight schedule of relevant Airports(s), as required by Airport Manager.

C. FLIGHT SURGEON

Locations:
Flight Inspection Unit (FIU), Headquarters PAA

Eligibility Criteria:

- MBBS (minimum 2nd Division) from HEC recognized university
- Valid PMDC registration
- Diploma or equivalent qualification in Aviation Medicine
- Minimum 05 years' experience as Flight Surgeon in a reputable organization/airline

Working Hours:
04 hours fortnightly, with on-call availability as required by flight Inspection Unit.

TERMS & CONDITIONS

- Engagement will be made as per terms approved by the competent authority.
- Remuneration up to Rs. 10,000/- per day, depending on location and experience.

APPLICATION PROCEDURE

- Interested candidates must apply online through the official website: www.paa.gov.pk within 15 days from the date of publication of this advertisement.
- Applicants are required to upload:
  - Updated CV with recent photograph
  - Copies of academic degrees/certificates (in PDF format)
  - Valid CNIC

IMPORTANT NOTES

- Only shortlisted Consultants will be contacted for further process.
- Incomplete or late applications shall not be entertained.
- PAA reserves the right to accept or reject any application without assigning any reason.
- All the interested candidates must read the Terms of Reference (TOR) available on the website, before applying for the post(s).

PID (K) - 10/26

SR. ADDITIONAL DIRECTOR HR (TM)
Headquarters Pakistan Airports Authority,
Terminal-I, Jinnah International Airport, Karachi
TEL: 021-99072067-8
www.paa.gov.pk

ڪپرو ۾ ناري پاران ڦاهو کائي آپگهات ڪرڻ وارو واقعو

لاش سميت لڳل ڌرڻو 18 ڪلاڪن کانپوءِ ڪيس داخل ٿيڻ بعد ختم

مقتول جي ڀاءُ سڀائي پيل جي فرياد تي زميندار فتح محمد درس ۽ ڪمدار قاسم راڄپر تي ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪپرو (ن ع) ڪپرو لڳ ڳوٺ ڪنڀهو ڌڻي جي رهواسي نوجوان ناري ... ڦاهو کائي آپگهات ... زميندار فتح محمد درس ۽ ڪمدار قاسم راڄپر ... 18 ڪلاڪن بعد ... ڪيس داخل ... 302 تحت ... پيل برادري جو ڌرڻو ختم ... بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو5

گمبٽ لڳ ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار ماءُ پيءُ سميت ٽي ڄڻا زخمي

ڦلنڊڙي هوٽل سامهون حادثي ۾ زخمي عابده، فياض ۽ ريما ڳنڀير زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

گمبٽ (ن ع) گمبٽ قومي شاهراه ... ڦلنڊڙي هوٽل سامهون ... عابده ... فياض ... موٽرسائيڪل سوار ... زخمي ٿي پيا جن کي ... اسپتال منتقل ڪيو ويو.


گمبٽ: حادثي ۾ زخمي ٿيل اسپتال ۾ داخل آهن

ڪنڊڪوٽ ۾ بجلي جي تار مان ڪرنٽ لڳڻ سبب 8 سالن جو نينگر فوت

ڪنڊڪوٽ (ن ع) ڪنڊڪوٽ ... بجلي جي تار ... ڪرنٽ لڳڻ سبب ... فوت ٿي ويو ... بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو5


ڪنڊڪوٽ: فوتي ٻار جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

شهدادپور مان مبينا اغوا ٿيل ناري ڳوري بيان بعد وارثن حوالي

گهرارن ڪان ڪاروڪاري ٿيڻ جي ڊپ کان ... ڳوري

عدالت سڳوري اڳيان 164 جي بيان بعد ناري کي وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور ... ڳوري ... عدالت سڳوري اڳيان 164 جي بيان بعد ... وارثن حوالي ... بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو5


شهدادپور: ... ڳوري

خيرپور ويجهو سفيو واهه ڪي گهارو، ڪيترائي علائقا پاڻي هيٺ

ڳوٺ راڄحوخان گبول ڀرسان پيل جي اطلاع باوجود عملدار ...

مختلف ڳوٺن جي ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ تحت واهه ۾ لڳل گهارو بند ڪيو

... نقصان روڪي ڇڏيو خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ راڄحوخان گبول ڀرسان سفيو واهه ڪي گهارو پوڻ سبب آس پاس جا ڪيترائي علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا، جڏهن ته چار ڪلاڪ گذرڻ باوجود ريسڪيو ٽيمن ايريگيشن کاتي ۽ لاڳاپيل اختيارين جو ڪو به عملو واقعي واري هنڌ لاڳاپيل ادارن کي ڏني وئي ۾ ڏگهو وقت گذرڻ باوجود ڪو به عملدار نه پهتو جنهن سبب پاڻي تيزي سان مختلف ڳوٺن ڏانهن وڌڻ لڳو ۽ ڪيترائي علائقا پاڻي جي ليپيٽ ۾ اچي ويا. رهواسين موجب صورتحال سبب وڏيڪ نقصان جو خدشو پڻ پيدا ٿي ويو
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو5

دڙي ۾ پوليس اهلڪار جي گهر مان چوري جي ڪوشش

چور سرڪهو

دڙو (ن ع) ... بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو5


دڙو: زخمي نوجوان علاج لاءِ اسپتال ۾ داخل آهي

خيرپور ڀرسان ڪار مشين ۾ نينگري جو هٿ ڪيچي جو هٿ اسپتال منتقل

ڳوٺ سانول ميتلو ۾ زخمي ٿيل 12 ورهين جي اسماءَ کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

خيرپور (ن ع) ... ڳوٺ سانول ميتلو ... 12 ورهين جي اسماءَ ... سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو ...

چونڊڪو ۾ برسات متاثرن جو قسطن جي ادائيگي ۽ ڪٽوتي خلاف احتجاج

متاثرن گل حسن پنهور، محمد خان شر، علي حسن شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

برسات متاثرن کي بنا ڪنهن رنڊڪ جي امدادي قسطون فراهم ڪيون وڃن: متاثرن

چونڊڪو (ن ع) ... برسات متاثرن ... گل حسن پنهور، محمد خان شر، علي حسن شيخ ... احتجاج ... 10 ... بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو5



سکر: عوامي تحريڪ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميهڙ: سٽي ڪائونسلر عبدالستار چنه جي پاءُ جي لاڏاڻي تي جنازي نماز ادا، شهري جي شرڪت

ميهڙ (ن ع) شهري اتحاد ميهڙ جي صدر سٽي ڪائونسلر عبدالستار چنه جي پياري وڏي پاءُ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ جي نوجوان صحافي مير سهيل اقبال احمد چنه جي چاچي جي لاڏاڻي تي سندس جنازي جي نماز پريس ڪلب جي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو5

سيٺارجا ۾ جي يو آءِ پاران صحابه ڪرامؓ جي شان ۾ گستاخي خلاف احتجاج

ڪارڪنن امير حافظ ثناء الله جوڻيجو، مقصود جاگيراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

مذهبي احساسن کي مجروح ڪندڙ عنصرن خلاف فوري ۽ شفاف ڪارروائي ڪئي وڃي

سيٺارجا(ن ع) جمعيت علماء اسلام (جي يو آءِ) سيٺارجا پاران اڳواڻن ۾ صحابه ڪرامؓ جي شان ۾ مبينا گستاخي ڪندڙن جي گرفتاري ۽ سخت قانوني ڪارروائي جي مطالبي لاءِ ڪناره هوٽل کان سيٺارجا ٿاڻي جي گيٽ اڳيان ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي ڪئي ۽ مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي بنا دير گرفتار ڪري قانون موجب سزا ڏني وڃي. مظاهري کي خطاب ڪندي جي يو آءِ اڳواڻن امير حافظ ثناء الله جوڻيجو، جنرل سيڪريٽري مقصود احمد جاگيراڻي، نائب امير مولانا عبدالوهاب لاشاري، قاري محمد حنيف سهتو، عبدالمالڪ سهتو، مولانا اسحاق جاگيراڻي چيو ته صحابه ڪرامؓ جي عزت ۽ احترام هر مسلمان جي ايمان جو حصو آهي، تنهن ڪري اهڙن واقعن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نٿو ڪري
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو5

هالا پرسان ڀٽائي جي پارڪو ۽ راڳائي فقير غلام حيدر نظاماڻي جي ورسي ملهائي وئي

هالا (ت ر) هالا پرسان حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي پارڪو ۽ راڳائي فقير غلام حيدر نظاماڻي جي 24هين ورسي نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي. ورسي تقريب جي شروعات لطيفي راڳ سان ڪئي وئي جڏهن ته صوفي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو5

گمبٽ پرسان جوابدار مبينا ڪارنهن الزام هيٺ گهرواري کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ حافظ سچڻ مهيسر ۾ جوابدار سراج مهيسر گهرواري صابره کي گولين هڻي قتل ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

گمبٽ (رپورٽ: مريد حسين ڪانوري) گمبٽ پرسان جوابدار مبينا ڪارنهن الزام هيٺ پنهنجي گهرواري کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو لاش اسپتال منتقل، گهر ۾ ڪهرام. تفصيل موجب :گمبٽ پرسان
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو5

ايل بي او ڊي ڊورو پراڻ بحالي منصوبي ۾ سستي ۽ بي ضابطگين خلاف آبادگارن جو احتجاج

مون سون برسات کان ڪم مڪمل نه ڪيا ويا ته زمينون، انساني آباديون ۽ بنيادي ڍانچو ۽ خطري آهي: مظاهرين

منصوبي تي اربين رپيا خرچ ٿيڻ باوجود زميني حقيقتون ان جي ابتڙ آهن تعميراتي ڪم انتهائي سست رفتاري سان هلي رهيو آهي

ميرپورخاص، سانگهڙ عمرڪوٽ ۽ ٻين ضلعن جو سمورو نيڪال وارو نظام متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي، جائز مطالبن تي عمل ڪرايو وڃي

پنگريو (ن ع) ايشيا جي سڀ کان وڏي سيم نيڪال واري منصوبي ليفٽ بئنڪ آئوٽ فال ڊرين (ايل بي او ڊي) جي ڊورو پراڻ بحالي منصوبي تي هلندڙ تعميراتي ڪم ۾ غير معمولي سستي، مبينا بي ضابطگين ڪرپشن، ناقص رٿابندي ۽ پاڻي جي نيڪال ۾ پيدا ٿيل رڪاوٽن
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو5

سنڌ يونيورسٽي جي فنانس ڪميٽي پاران 9.45 ارب رپين جي سرپلس بجيٽ منظور

وي سي ڊاڪٽر فتح محمد مري جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ بجيٽ جي منظوري ڏني وئي

مجموعي خرچن جو ڪاٿو 9.394 ارب رپيا لڳايو ويو، بجيٽ سينڊيڪيٽ ۾ منظوري لاءِ پيش ڪئي ويندي

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي جو هڪ اهم اجلاس وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو جنهن ۾ مالي سال 2026-27ع لاءِ يونيورسٽي جي بجيٽ تخمينن جو جائزو وٺندي انهن جي منظوري ڏني وئي انگن اکرن موجب ڪيترن ئي سالن جي مالي ڏکيائين ڪانپوءِ هلندڙ مالي سال ۾ منافعو بخش بجيٽ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو. سي آفيسر ۾ ٿيل هن اجلاس ۾ ڊائريڪٽر فنانس ڊيشان ميمڻ يونيورسٽي جي مالي صورتحال، مالي سال 2025-26ع جي نظرثاني ٿيل تخمينن ۽ مالي سال 2026-27ع جي بجيٽ بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. بجيٽ دستاويزن موجب مالي سال 2026-27ع دوران سنڌ يونيورسٽي وٽ ڪل دستياب وسيلا 9.446 ارب رپيا رهڻ جو اندازو لڳايو ويو آهي، جڏهن ته مالي
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو5


پنگريو: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

پنگريو ۾ عورت جو پاڻيءَ ۽ پاٽيئين سان ڳڏجي بااثر خلاف احتجاجي مظاهرو

پنگريو (ن ع) پنگريو پوليس جي حد ڳوٺ امير بخش چانديو واسي عورت عزيزان چانديو پنهنجي پاڻيءَ ۽ پاٽيئن سان ڳڏجي پريس ڪلب پنگريو ۾ صحافين اڳيان داتهيندي چيو ته سندس ڳوٺ جا بااثر عالي چانديو عرف ملو چانديو ۽ منٺار چانديو وارا ڪيس تنگ ڪن ٿا هنن جو چوپايو مال زبردستي هو ڪاهي ويا آهن جنهن جون شڪايتون علائقي جي چڱن
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو5


دڙو: آئيس جو نشو ڪندڙ نوجوان اسپتال ۾ داخل آهي

سکر لڳ جمالو ٽرين ۽ ڪار ۾ ٽڪر سبب ٻه پائر ٽڏي تي فوت، ٻه ڄڻا مرٽينگ

آرائين ڦاٽڪ ويجهو حادثي ۾ رٽائرڊ ايس ايچ او درياءَ خان جتوئي سنڌس پاءُ عارب موقعي تي فوت ٿي ويا

مقامي ماڻهن زخمي جنيد جتوئي، لڏو جتوئي ۽ فوتين جا مڙهه ڪلاڻي اسپتال منتقل ڪيا

واقعي جو سبب ريلوي ٽريڪ تي ڦاٽڪ نه هجڻ سبب ڪار جي گذرڻ دوران اچانڪ ٽرين اچڻ سبب ٿيو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر لڳ آرائين ڦاٽڪ ويجهو هو جمالو ٽرين ۽ ڪار ۾ ٽڪر، رٽائرڊ ايس ايچ او درياءَ خان جتوئي سنڌس پاءُ عارب جتوئي موقعي تي فوت، ٻه ڄڻا جنيد جتوئي ۽ لڏو جتوئي زخمي اطلاع تي مقامي ماڻهن پهچي فوري تي فوتين ۽ زخمين کي اسپتال پهچايو علائقي ۾ سوڳ، حادثي جو شڪار ڳوٺ
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو5

جامشورو ۾ سال اڳ اغوا ٿيل ناري بازياب نه ٿي، قتل ٿيڻ جو شڪ ظاهر

ڳوٺ پيرباجدي شورو مان مبينا طور اغوا ٿيل ثانيا چنا جي امڙ ۽ پاءُ جو احتجاج

اسان جي نابالغ نياڻي صفدر، اختر عزيز عمراڻي ٻين اغوا ڪيس ناري کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو وڃي: مطالبو

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو جي ڳوٺ پيرباجدي شورو مان هڪ سال اڳ مبينا طور اغوا ٿيل ناري ثانيا چنا پوليس بازياب نه ڪرائي سگهي آهي. ان حوالي سان سان اغوا ٿيل ناري ثانيا چنا جي امڙ مسمات معل چنا پاءُ ساگر چنا ڄامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي داهيندي الزام هڻندي چيو آهي اسان جي نابالغ نياڻي ثانيا چنا کي پاڙي ۾ رهندڙ صفدر عمراڻي اختر عمراڻي عزيز عمراڻي محمد علي عمراڻي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ويا آهن جنهن کي هڪ سال ٿي ويو آهي پر ان جو پتو ناهي ته هو ڪاٿي آهي هن چيو ته اسان جي نياڻي کي زوري هڪ چوڪري صفدر سان نڪاح ڪرڻ جو ڪوڙو ڊرامو ڪيو ويو آهي هو نابالغ آهي هن کي هٿيارن جي زور تي بيان ڏيارايا پيا وڃن هو
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو5

وڳڻ ويجهو ڌر مزاحمت تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ واپاري زخمي، لاڙڪاڻو اسپتال منتقل

وڳڻ (ن ع) وڳڻ ٿاڻي جي حد ڳوٺ يارويرو ٻاهران نامعلوم ڦورن ڳوٺ قمبرڪوٽ جي رهواسي سارين جي واپاري غلام فريد مغيري کي هٿيارن جي زور تي اڳ جهلي موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن دوران مزاحمت ڪرڻ تي ڦورن واپاري کي پيرن ۾ گوليون هڻي زخمي ڪري فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا جڏهن ته زخمي واپاري ڦال سوري تي قائم
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو5


ٽنڊو الهيار: ميونسپل جو بجيٽ اجلاس چيئرمين ثمر حسن شاهه جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

ٽنڊوالهيار ميونسپل ڪميٽي جو 89 ڪروڙ کان وڌيڪ بجيٽ منظور

چيئرمين سيد ثمر حسن شاهه رضوي جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي گذريو

ترقياتي ڪم، صفائي، پاڻي نيڪال، پگهارن ۽ ثقافتي سرگرمين لاءِ بجيٽ مخصص

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ميونسپل ڪميٽي ٽنڊوالهيار جو بجيٽ اجلاس چيئرمين سيد ثمر حسن شاهه رضوي جي صدارت هيٺ ٿي گذريو اجلاس ۾ ايم سي جي سمورن ميمبرن شرڪت ڪئي. ڪوٺايل اجلاس ۾ ايم سي ٽنڊوالهيار جي سال 2026-27ع لاءِ 89 ڪروڙ 77 لک 77 هزار 650 رپيين جي بجيٽ منظور ڪئي وئي. بجيٽ ۾ ترقياتي ڪمن لاءِ پندرهن ڪروڙ چاليهه لک رپيه رکيا ويا آهن جنهن مان هلندڙ ڪمن لاءِ ڏهه ڪروڙ رپيا شهر جي گهٽين لاءِ پيور بلاڪ ناليِن سليب جي مرمت تعمير لاءِ پنج ڪروڙ رپيا ۽ بلديا پراپرٽي جي مرمت سار سنڀال لاءِ چاليهه لک رپيه رکيا ويا آهن جڏهن ته پگهارن ۽ پينشن گريجوئيٽي جي مد ۾ 24 ڪروڙ 19 لک 88 هزار 678 رپيا رکيا ويا آهن. قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ 50 لک رپيا رکيا ويا، بجيٽ اجلاس ۾ راندين ، ثقافتي ڏهاڙن . فلاحي ڪمن لاءِ 10 لک رپيا رکيا ويا، محرم الحرام . عيدون ۽ ٻين مذهبي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو5

ڪڪڙ ۽ پرياسي نشي آورر سوپارين جو سرعام وڪرو جاري، شهرين جو احتجاج

ڪڪڙ پيارو اسٽيشن ۽ ٽرڙي سميت مختلف علائقن ۾ سوپارين وڪرو پيون ٿين:مظاهرين

ضلعي انتظاميا ۽ ايس ايس پي دادو منشيات فروش خلاف نوٽيس وٺي ڪارروائي ڪري

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ شهر ۽ مختلف ڳوٺن ۾ 21 Z زهريلي سوپارين جو وڪرو سرعام ٿيڻ سبب شهري ۽ ڳوٺاڻن سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي ضلع انتظاميا کان سخت ڪارروائي ڪري وڪرو بند ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي فقير عبدالنبي سارير برڪت علي جويو احسان مري، نثار احمد، ممتاز علي، نثار احمد، نديم احمد، شريف ، عبدالرزاق، جبل سنڌي، نبي بخش ملاح ۽ ٻين چيو آهي ته ڪڪڙ شهر پيارو اسٽيشن ٽرڙي ۽ مختلف ڳوٺن ۾ 21 Z سوپاريون وڪر وانگر سرعام وڪرو ٿي رهيو آهن جنهن سبب نوجوان نسل زيد ايڪينهن سوپارين کائڻ جو عادي بڻجي پنهنجي زندگي برباد ڪري رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته منشيات وڪرو ڪندڙ منشيات فروشن خلاف هن وقت تائين ڪنهن به قسم جي ڪارروائي ناهي ٿي جيڪي بنا ڪنهن خوف جي زهريلي سوپارين جو وڪرو ڪري رهيا آهن احتجاج ڪندڙن ايس ايس پي دادو کان گهر ڪئي آهي ته ڪڪڙ شهر
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو5

سيما خاصخيلي ۽ پاران الزام هيٺ آيل سهري ۽ ڏيرن جي الزامن ڪان ترديد

اغوا بابت لڳايل الزام حقيقتن جي ابتڙ آهن شفاف ۽ اڻ ڌري جاچ ڪرائي وڃي: مظاهرين

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ پوليس مقابلي دوران زخمي ٿيل علي شير خاصخيلي جي پيءُ علي دوست خاصخيلي چاچي علي ڏنو خاصخيلي ۽ ڀاءُ حاڪم خاصخيلي پاران سيما خاصخيلي جو ٻارن جي بازيابي لاءِ سٽي ٿاڻي آڏو پاڻ تي پيٽرول هاري آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش واري واقعي کي ڊرامو قرار ڏيندي سندس سمورن الزامن کي بي بنياد قرار ڏنو آهي هنن ٽنڊوآدم پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سيما خاصخيلي مختلف حربا استعمال ڪري ڪين ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۽ هراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي سندن چوڻ هو ته ٻارن جي اغوا بابت لڳايل الزام حقيقتن جي ابتڙ آهن. چو ته ٻار پنهنجي رضا ۽ خوشي سان پنهنجي والد وٽ موجود هئا.هنن وڌيڪ چيو ته معاملو عدالت ۾ پيش ٿيڻ بعد عدالتي حڪم تي ٻارن کي
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو5



ٽنڊو آدم: سيما خاصخيلي تي تشدد جي الزام هيٺ آيل ڌر ميڊيا سان ڳالهائيندي

سکر مان نينگر ڪارڙجي گهران نڪري وين ماءُ پاران اعلي عملدارن ڪان ڳولا ۾ مدد جي اپيل

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي نيو پنڊ اسلام ڪالوني جي رهواسڻ هڪ ماءُ پنهنجي 14 ورهين جي گم ٿيل پٽ جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب پهچي جتي هن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن اعلي اختيارين ۽ عام ماڻهن کان پنهنجي پٽ جي ڳولا
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو5


ڪنڊڪوٽ: ايس يو پي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي



حيدرآباد: سول سوسائٽي پاران غلام نبي مگسي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪيل مظاهرو

ڪوٽ غلام محمد ۾ شاخ ۾ نوجوان ٻڏي فوت، پنجن ٻارن جو پيءُ خودڪشي ڪري ڇڏي

ديهه 271 ۾ وهنجڻ دوران نوجوان پراڻ شاخ ۾ ٻڏي فوت، ڳولا بعد لاش هٿ

ديهه 346 ۾ پنجن ٻارن جي پيءُ مبينا طور ڦاهو کائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) ڪوٽ غلام محمد ۾ ٻن الڳ الڳ افسوسناڪ واقعن سبب علائقي ۾ ڏک جي لهر ڦهلجي وئي. ديهه 271 ۾ ڳوٺ چوڌري عباس علي ڀرسان پراڻ شاخ ۾ وهنجندي نوجوان ٻڏي فوت ٿي وين جڏهن ته ديهه 346 ۾ واقع ڀرسان پنجن ٻارن جي پيءُ نوجوان مبينا طور ڦاهو کائي پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيو نوجوان گهمڻ پيل ولد ڏونگرو پيل وهنجڻ لاءِ پراڻ شاخ تي ويو جتي شاخ ۾ ڪيو ڏيڻ دوران اونهي پاڻي ۾ ٻڏي ويو واقعي کان پوءِ وارثن ۽ علائقي واسين ڳولا شروع ڪئي، جنهن بعد نوجوان جو لاش پراڻ شاخ مان هٿ ڪيو ويو ٻئي واقعي ۾ واحد واڙ ديهه 346 پرسان وينجهو ڪولهي جيڪو پنجن ٻارن جو پيءُ هو مبينا طور گهر اندر ڦاهو کائي فوت ٿي ويو اطلاع تي پوليس پهچي لاش تعلقه اسپتال ڪوٽ غلام محمد منتقل ڪيس جتي ضروري
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو5

محرابپور جي صحافي قاضي امتياز عالم جو پٽ لاڏاڻو ڪري ويو

محرابپور (ت-ر) روزاني تعمير سنڌ جي ايڊيٽر قاضي امتياز عالم جو پٽ پيپلزپارٽي محرابپور جي نائب صدر قاضي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو5

هالا ميونسپل ڪميٽي جو سال 2026-27ع لاءِ ٽيڪس فري بجيٽ منظور

بجيٽ اجلاس ايم سي چيئرمين زنوار گل محمد پنهور جي صدارت هيٺ ٿيو

هڪ ارب 54 ڪروڙ 8 لک 70 هزار 13 رپين جي بجيٽ اڪثريت راءِ سان منظور ڪئي وئي

هالا (ت ر) هالا ميونسپل ڪميٽي جو مالي سال 2026-27ع لاءِ هڪ ارب 54 ڪروڙ 8 لک 70 هزار 13 رپين جو ٽيڪس فري ساليانو بجيٽ اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو بجيٽ اجلاس ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين زنوار گل محمد پنهور جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ وائيس چيئرمين محمد صفر ميمڻ چيف ميونسپل آفيسر سيد محسن شاهه ۽ سمورن وارڊن جي ڪائونسلرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي چيئرمين زنوار گل محمد پنهور چيو ته سروري جماعت جي روحاني پيشوا ميمبر قومي اسيمبلي مخدوم جميل الزمان ۽ صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان جي هدايتن موجب هالا جي عوام جي ڀلائي ۽ ترقي کي نظر ۾ رکندي ٽيڪس فري بجيٽ تيار ڪئي وئي آهي هن موجب ميونسپل ڪميٽي جي سالياني آمدني هڪ ارب 54 ڪروڙ 8 لک 70 هزار 13 رپيا،
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو5

غوثپور لڳ بدامني ۽ ڦر واقعي مختلف سياسي سماجي ڌرين جو احتجاجي ڌرڻو، روڊ بلاڪ

ايس يو پي، جي يو آءِ، بجاراڻي اتحاد سميت سياسي سماجي اڳواڻ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هڻي بند ڪري ڇڏيو ٽريفڪ معطل

اڳي ڌاڙيل گردي هئي ۽ هاڻي پوليس گردي علائقي جي عوام جو سڪون ڦٽايو آهي، ٿاڻن تي سٺا آفيسر مقرر ڪيا وڃن:مظاهرين

پوليس آفيسر جي پهچڻ بعد مظاهرين سان ڳالهيون، خاطري ملڻ تي ڌرڻو ختم ڪري روڊ کوليو ويو

ڪنڊڪوٽ(رپورٽ: نظير سومرو) غوثپور ۾ مهينا اڳ جمال ٿاڻي جي حد مان ٻن اسڪولي شاگردن عبدالقادر ۽ عبدالرحيم بجاراڻي کان موٽر سائيڪل ۽ موبائيل فونون ڦر ٿيڻ ضلعي ڪشمور ۾ وڌندڙ بدامني جي وارداتن تي ٻنجو نه اچڻ. پوليس ٿاڻن تي اي ايس آءِ رينڪ جا آفيسر مقرر ڪرڻ ۽ غوثپور جي ديوانن جي ڦر ۾ ملوث
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو5

دڙي ۾ آئيس جو نشو وڌيڪ مقدار ۾ استعمال ڪرڻ سبب 28 سالن جو نوجوان بيهوش

نوجوان احسان ماڇي تمام گهڻو نشو استعمال ڪرڻ سبب بيهوشي هو: ڊاڪٽر

نوجوان آئيس جو نشو ڪندڙ آهي، اڄ ڪيس ڪنهن نشي ۾ زهر وجهي پيارايو آهي:وارث

دڙو (ن ع) دڙي ۾ 28 سالن جي نوجوان احسان ولد سومار ماڇي آئيس جو نشو وڌيڪ مقدار ۾ استعمال ڪرڻ سبب ڪيس سندس وارث بيهوشي واري حالت ۾ رورل هيلٿ سينٽر دڙو ڪٺائي آيا، جتي ڊاڪٽر پاران نوجوان جي حالت خراب ٿيڻ سبب ڪيس نازڪ حالت ۾ سول اسپتال مڪلي رفر ڪيو ويو دڙو اسپتال جي ڊيوٽي ڊاڪٽر منير ميمڻ موجب نوجوان احسان ماڇي تمام گهڻو نشو استعمال ڪرڻ سبب بيهوشي هو ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال مڪلي منتقل ڪيو ويو آهي ان سلسلي نوجوان جي وارثن پاران الزام لڳايو
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو5

هالا حضرت غوث الحق مخدوم سرور نوح جو عرس عقيدت ۽ روحاني جوش سان شروع

سروري جماعت جي روحاني اڳواڻ مخدوم جميل الزمان ۽ مخدوم محبوب الزمان درگاهه تي چادر چاڙهي تقريبات جو آغاز ڪيو

حضرت غوث الحق جي پيغام ۽ ڏيکاريل راهه تي هلڻ سان دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي:مخدوم جميل

عرس موقعي تي سڄي شهر ۾ سجاوٽ، صفائي، سبيلن ۽ سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا

هالا (رپورٽ: منصور حيات بلوچ) برصغير جي عظيم بزرگ هستي حضرت غوث الحق مخدوم سرور نوح جو ساليانو 449 هون عرس مبارڪ انتهائي عقيدت، احترام روحاني جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو5


اسلام آباد: ٻه ڇوڪريون برساتي موسم ۾ ڇٽي ڪلي وڃي رهيون آهن

سنڌو دريا سميت سنڌ جي سمورن وسيلن جا ڌڻي سنڌي آهن:نياز ڪالاڻي

سنڌ جي ٻچي ٻچي جو اهو فرض آهي ته هو پنهنجا وسيلا بچائڻ لاءِ ميدان ۾ نڪرن

سنڌ اندر جسقم ڪارڪن پاڻي جي منصفاڻي ورڇ لاءِ تحريڪ هلائيندا

ماتلي (ن ع) جسقم (بشيرخان گروپ) جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو آهي ته سنڌ ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ خلاف جسقم پاران احتجاج جو سڏ ڏنو ويو آهي جنهن ۾ سڄي سنڌ اندر جسقم ڪارڪن پاڻي جي منصفاڻي ورڇ لاءِ تحريڪ هلائيندا هن چيو ته انهي سلسلي ۾ 8 جولاءِ تي سڄاول ۾ جسقم جي پليٽ فارم تان هڪ وڏو احتجاج شروع ڪيو پيو وڃي ان بعد سڄي سنڌ ۾ احتجاجن ۽ مظاهرن جو سلسلو شروع ڪيو ويندو . ماتلي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو ته سنڌو درياءَ سميت سنڌ جي سمورن وسيلن جا ڌڻي سنڌي آهن جنهن ڪري سنڌ جي ٻچي ٻچي جو اهو
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو5



ماتلي: جسقم بشير قريشي جو سربراهه نياز ڪالاڻي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سکر ۾ عوامي تحريڪ پاران سنڌ مخالف منصوبن خلاف احتجاجي ريلي

ڪارڪنن اياز ڪلوڙ، سرواڻ جتوئي، شمشاد ٻين پارس پڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

28هين آئيني ترميم ذريعي سنڌ کي ورهائڻ جي هر سازش ختم ڪئي وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ پاڻي جي سخت ڪوٽ معصوم ٻارن جي اغوا جي وڌندڙ واقعن ۽ 28هين آئيني ترميم ذريعي سنڌ کي ورهائڻ جي سازش خلاف سکر ۾ عوامي تحريڪ پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي ريلي دوران ڪارڪنن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ سنڌ دشمن پاليسين کي رد ڪيو ان موقعي تي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن اياز ڪلوڙ سرواڻ جتوئي شمشاد ٻين پارس پڻي ۽ ٻين چيو
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو5


حيدرآباد: پ پ اڳواڻ ريحان حنيف مهر ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

قاضي احمد ويجهو ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، نوجوان فوت

نيشنل هاءِ وي تي پيش آيل حادثي ۾ نوجوان راشد رند ڏڏي تي دم ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد نيشنل هاءِ وي تي تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي زوردار ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان راشد علي رند ولد نواب ولي محمد موقعي تي چيپاٽجي فوت ٿي ويو.فوتي جو لاش ضروري ڪارروائي لاءِ تعلقي اسپتال قاضي احمد منتقل ڪيو ويو لاش ايڏهي ايمبولينس ذريعي ڳوٺ نيو ويو لاش ڳوٺ پهچڻ تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو



راڻي پور ۾ اي سي پاران واڌو اگهه وٺندڙن خلاف ڪارروايون، ڏنڊ وصول ڪيو ويو

راڻي پور(ن ع) راڻي پور ۾ ڪاڌي پيتي، سبزين ۽ فروٽن جي اگهن ۾ ناجائز وڌيڪ اگهه ۽ من ماڻي اگهن ۽ ڪيميڪل واري ڪير خلاف اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو ايٽ راڻيپور کي شهرين سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين پاران ڏنل درخواست تي انتظاميه ڪارروائي ڪندي مختلف دڪانن ريڙي وارين ۽ سبزي فروشن جا ريٽ چيڪ ڪري وڌيڪ اگهه وٺندڙ دڪاندارن ۽ ريڙهن
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو5

ٺٽي ۾ 'ممتا پروگرام' تحت غريب حامله عورتن لاءِ بهتر طبي سهولتون ۽ مالي سهائتا جو اعلان

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر عمران الحق پاران پروگرام جو مقصد ماءُ ۽ ٻار جي صحت کي بهتر بڻائڻ قرار

اسپتال ۾ رجسٽر ڪندڙ عورتن لاءِ 33 مهينن تائين سهولتون ۽ 30 هزار رپيا مالي امداد جي تفصيل جاري

ٺٽو (ڊ ر) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر عمران الحق چيو آهي ته ممتا پروگرام وسيلي غريب حامله عورتن کي بهتر طبي سهولتون ۽ مالي سهائتا فراهم ڪئي ويندي، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق چيو آهي ته سنڌ حڪومت پاران شروع ڪيل "ممتا پروگرام" جو مقصد غريب حامله عورتن کي محفوظ ويم ، بهتر طبي سهولتون ۽ مالي سهائتا فراهم ڪري ماءُ ۽ ٻار جي صحت کي بهتر بڻائڻ آهي هن اها ڳالهه ممتا پروگرام بابت ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪئي اجلاس ۾ سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي ، پي پي ايڇ آءِ، نادرا ، صحت ، لوڪل گورنمينٽ ، سوشل ويلفيئر ، سرسو ، مرف ، آغا خان ، وومين ڊوليپمينٽ سميت ٻين لاڳاپيل ادارن ۽ اين جي اوز جي نمائندن شرڪت ڪئي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر هدايت ڪئي ته
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو5

ڊپٽي ڊسٽرڪٽ اٽارني جي سيٽ تي اميدوار مشرف ميمڻ ڪامياب قرار

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن پاران ڊپٽي ڊسٽرڪٽ اٽارني جي سيٽ تي اميدوار مشرف ولد محمد انور ميمڻ کي سنڌ حڪومت جي قانون
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو5



اسلام ڪوٽ ۾ نشو سونگائي ڦر ڪرڻ واري واقعي خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ ڀرسان ڳوٺ ٻورلي محمود شاهه جي رهواسين پريس ڪلب اسلام ڪوٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڦر جي واقعي خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ پوليس کان جوابدارن جي فوري گرفتاري جو مطالبو ڪيو.احتجاج ۾ رتن لال ڀيل تيراج ڀيل، هيمراج ڀيل، پانچو ڀيل، موڙو ڀيل، منگل ڀيل، ڊيوراج ڀيل ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو5


اسلام ڪوٽ: ڳوٺاڻا نشو ڏئي ڦريندڙن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺاٺي بولا خان ۾ ڏاڏا پاربرهم جو ميلو وڏي جوش جذبي ملهايو وين سٽسنگ

الواڻي پريوار پاران ملهايل ميلي ۾ سرين ماڻهن جي شرڪت، ڀڳتن ڀڄن ڳائي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

پاڪستان ۾ اسان پنهنجا مذهبي تهوار ۽ ميلا آزادي سان ملهائي سگهون ٿا: ڀڳت بسو مل

ٺاٺوبولاخان (ن ع) هر سال جيان هن سال به ڏاڏا پاربرهم آستانا ٺاٺوبولاخان ۾ الواڻي پريوار پاران ڏاڏا پاربرهم جو ميلو وڏي جوش جذبي ۽ عقيدي سان ملهايو وين ميلي ۾ ڀڳت بسو مل پوچو مل سامناڻي هريش ڪمار لالمناڻي ، ڦيرو مل ۽ ٻين ڀڄن ڳاهي ميلي ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا جڏهن ته ميلي ۾ گرو ٻاليري جي شيواداري ڀڳت گوپي چند جي ڀڄن، وائين بيٺن ۽ گيتن تي خوب داد وصول ڪيو ۽ ميلي ۾ آيل ياترين کي رقص ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ان موقعي تي لنگر عام جو پڻ بندوبست ڪيو ويو هو ان موقعي تي ڏاڏا پاربرهم آستانا ٺاٺوبولاخان ۾ ميلو لڳائيندڙ الواڻي پريوار جي ڀڳت بسو مل ڳالهائيندي چيو ته هي سنڌ ڌرتي صوفين سنتن درويشن جي ڌرتي آهي جتي اسين هندو توڙي مسلم ڀائرن وانگر رهون ٿا هتي اسين هر تهوار گڏجي ملهائيندا آهيون ۽ اڻ
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو5

سيوهڻ ۾ پيرسن پورهيت تي نافرمان پٽ ۽ پاءُ جو مبينا تشدد، گهر مان بيدخل

پورهيت پيرسن علي نواز اوٺو تي پٽ فهيم، سالي محمود اوٺو ۽ پاءُ غلام رسول مبينا تشدد ڪيو

فوٽل تي بيرا گيري ڪندڙ پورهيت گهر نيڪالي ملڻ سبب دربدر انصاف ۽ تحفظ جي گهر

سيوهڻ (ن ع) سيوهڻ جي صدر پاڙي جو رهواسي پورهيت پيرسن علي نواز اوٺو پنهنجي نافرمان پٽ، سالي ۽ پاءُ پاران مٿس مبينا تشدد ڪري گهران ڪڍي ڇڏڻ خلاف ڪالهه نيشنل پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي متاثر پورهيت صحافين آڏو داتهيندي چيو ته آءُ هوٽل تي بيرا گيري ڪري پيٽ گذر ڪري پنهنجي اولاد کي پاليو آهي پر اڄ منهنجي پٽ فهيم سالي محمود اوٺو منهنجي پاءُ غلام رسول اوٺو سان گڏجي منهنجي مٿان سرعام وچ شهر ۾ تشدد ڪري منهنجا ڪپڙا ڦاڙي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي، مان اهڙي ڏانهن ڪٿي سيوهڻ ٿاڻي تي ويس پر پوليس منهنجو تدارڪ نه ڪيو ۽ هن وقت آئون هوٽل جي بينچن تي سمهي رات گذارڻ تي مجبور آهيان هن وڌيڪ ٻڌايو ته منهنجي امڙ فوت ٿيڻ کان اڳ گهر جا ڪاغذ منهنجي گهر واري جي نالي ڪري وئي جنهن بعد منهنجي پاءُ ۽ سالي منهنجي ننڍي پٽ
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو5

گهوٽڪي ۾ هٿياربندن جي گهر تي چڙهائي، سونا زيور، لکين رپيا روڪ ۽ قيمتي سامان ڦر

انور آباد محلي ۾ چار هٿياربندن شير محمد چنا جي گهر تي چڙهائي ڪري پاتين کي يرغمال بڻايو

جوابدارن سي آءِ ڊي اهلڪار ظاهر ڪري گهرڀاتين کي يرغمال بڻائي لکين رپين جو سامان کڻي فرار ٿي ويا: متاثر

واردات ۾ ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري ڦريل مال واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

گهوٽڪي(رپورٽ: اقبال صديقي) گهوٽڪي شهر جي انور آباد محلي ۾ ڏينهن ڏٺي جو ڦر جي سنگين واردات پيش آئي جتي چار نامعلوم هٿياربند شير محمد چنه جي گهر ۾ داخل ٿي ويا ۽ گهر ڀاتين کي هٿيارن
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو5



پشاور: الخدمت فائونڊيشن پاران ڪرايل اجتماعي شادي ۾ گهوٽ ۽ ڪنوارون ويٺل آهن

گڊو، سکر ۽ ڪوٽڙي بئراجن مان نڪرندڙ ڪينالن کي گهربل مقدار کان پاڻي جي گهٽ فراهمي

سکر بئراج جي ساڄي پاسي واقع ڪيرٿر، رائيس ۽ دادو ڪئنال ڏانهن پاڻي جي فراهمي سخت متاثر

گڊو بئراج تي مٿانهون وهڪرو 1 لک 37 هزار 764 ۽ هيٺاهون 1 لک 1 هزار 754 ڪيوسڪ رڪارڊ

وهڪرن ۾ واڌ نه آئي ته خريف جي فصلن، سارين، ڪمند ۽ ٻي پوک ۽ پيداوار متاثر ٿيڻ جو امڪان آهي: زرعي ماهر

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌو درياهه ۾ پاڻي جي مسلسل ڪوٽ سبب گڊو سکر ۽ ڪوٽڙي بئراجن مان نڪرندڙ ڪينالن کي گهربل مقدار کان گهٽ پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي، جنهن سبب خاص طور سکر بئراج جي ساڄي پاسي واقع ڪيرٿر ڪئنال، رائيس ڪئنال ۽ دادو ڪئنال ڏانهن پاڻي جي فراهمي سخت متاثر ٿي آهي جڏهن ته زرعي سرگرمين تي به ناڪاري اثر پوڻ جا
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو5

سکر سيپڪو پاران بجلي چوري خلاف ڪريڪ ڊائون، 150 کان وڌيڪ ڪنڊا ڪاٽا

عملي پوليس ۽ رينجرز سان گڏجي ايوب گيٽ، ايڪسائيز روڊ ۽ ٻين هنڌن تي ڇاپا هنيا

جيڪو به شخص بجلي چوري ۾ ملوث ملين ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي: ايس ڊي او

سکر (بيورو رپورٽ) سکر اليڪٽرڪ پاور سپلاءِ ڪمپني (سيپڪو) پاران بجلي چوري خلاف ڀرپور ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو ويو آهي.گذريل ڏينهن سيپڪو چيف اعجاز احمد چنا جي خاص هدايتن تي سيپڪو سب ڊويزن ون جي عملي پوليس ۽ رينجرز سان گڏجي ايس ڊي او سب ڊويزن ون چيئرمين شجاعت علي گهمرو ايل ايس شوڪت سومرو ۽ ٻين جي نگراني ۾
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو5

سکر سيپڪو پاران بجلي چوري خلاف ڪريڪ ڊائون، 150 کان وڌيڪ ڪنڊا ڪاٽا

عملي پوليس ۽ رينجرز سان گڏجي ايوب گيٽ، ايڪسائيز روڊ ۽ ٻين هنڌن تي ڇاپا هنيا

جيڪو به شخص بجلي چوري ۾ ملوث ملين ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي: ايس ڊي او

ٻين هنڌن تي ڪارروائي ڪئي ڪارروائي دوران 150 کان وڌيڪ غير قانوني ڪنڊا ڪنيڪشن ختم ڪيا ويا، جڏهن ته بجلي چوري ۾ استعمال ٿيندڙ تارون پڻ قبضي ۾ ورتيون ويون بجلي جي سڌي ۽ غير قانوني ڪنيڪشن جي نشاندهي ڪندي انهن کي فوري طور ختم ڪيو ويو ان موقعي تي عملي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سيپڪو چيف اعجاز احمد چنا جي هدايتن موجب بجلي چوري خلاف زيرو ٽالرنس
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو5

پيارو اسٽيشن ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي جو هوٽلن، ڪرياڻا اسٽورن ۽ مٺائي جي دڪانن جو دورو

دوري دوران ڪير جي چڪاس بغير ٽيڪنيڪل ٽيسٽ اوزارن جي رسمي انداز ۾ ڪئي وئي:ذريعا

بوتلن جي ايجنسين تي گودامن جي مڪمل چڪاس نه ڪئي وئي، ايڪسپائر ٿين جي جاچ بدران لائسنس رينيو ڪرائڻ جون هدايتون

پيارو اسٽيشن (رپورٽ: عبدالستار ڪلوئي) سنڌ فوڊ اٿارٽي جي فوڊ انچارج عامر ابڙو جي اڳواڻي ۾ ايف ايس او خليق الرحمان ٻکڙيو جونيئر ڪلرڪ فرحان علي ڪلرڪ ميدم عاليا ۽ ٽيم پيارو اسٽيشن ۾ ڊيري شاپن بوتل ايجنسين هوٽلن ڪرياڻا اسٽورن ۽ مٺائي جي دڪانن جو دورو ڪيو مقامي ذريعن موجب دوري دوران ڪير جي چڪاس بغير ٽيڪنيڪل ٽيسٽ اوزارن جي رسمي انداز ۾ ڪئي وئي ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪير چيڪ ڪندڙ ايف ايس او خليق الرحمان ٻکڙيو وٽ ٽيم جا پنهنجا ٽيسٽنگ اوزار موجود نه هئا، جنهن سبب مبينا طور ڊيري شاپ تي موجود مشين ذريعي ڪير چيڪ ڪيو ويو رپورٽ موجب مٺائي جي دڪان صوفي سوئيٽ هائوس تي مائو ۽ ڪير جي معيار جي جاچ ڪرڻ بدران صفائي بابت هدايتون ڏنيون ويون جڏهن ته بوتلن جي ايجنسين تي گودامن جي مڪمل
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو5


پيارو ڳوٺ: فوڊ ڪميشن جو عملدار کير چڪاسي رهيو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.